# سفر مِعراج ۽ عظمتِ مصطفيٰ ﷺ

## شبِ معراج سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

24-April-2017

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# سفر مِعراج ۽ عظمتِ مصطفيٰ

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيتُ سُنَّتَ الاِعتِكاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

حضورِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ دلنشين آهي: جِبريلِ امين عَلَيهِ السَّلَام مون کي ٻڌايو: اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ فرمائي ٿو: اي محمّد! (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ڇا توهان هن ڳالهہ تي راضي ناهيو تہ توهان جو اُمَّتي توهان تي هڪ ڀيرو دُرُود موڪلي، مان ان تي ڏهہ (10) رَحمتون نازل ڪيان ۽ هڪ ڀيرو سلام موڪلي، مان ان تي ڏهہ (10) سلام موڪليان.

(مشكاة المصابيح،كتاب الصلوٰة، باب الصلاة على... الخ،١/١٨٩، حديث:٩٢٨)

رَبّ کے محبوب احمدِ مختار پر لاکھوں سلام سب پکارو سیدِ ابرار پر لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## رجب جي دُعا:

رَجَب ۾ هيءَ دُعا پڙهڻ سُنّت آهي! جڏهن رَجب جو مهينو ايندو هو تہ نبي اکرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اها دُعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ رَجَبٍ وَّشَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَانَ ۔

يعني اي الله عَزَّ وَجَلَّ! تو اسان لاءِ رَجب ۽ شعبان ۾ بَرَڪتون عطا فرماءِ ۽ اسان کي رَمَضان تائين پهچاءِ. (اَلْمُعجَمُ الاَ وسَط لِلطّبَراني ج3ص85حديث 3939)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيرٌ مِّن عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الڪبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

**ٻہ مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ٻيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا

لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عظيم ۽ بابرڪت رات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ 1438 سنِ هجري جي رجب المرجب جي 27 جي رات آهي، اللّٰه تبارڪ و تعالٰي جا لک لک شڪر جنهن هڪ ڀيرو ٻيهر عظيم الشان فضيلتن ۽ برڪتن واري مقدس رات نصيب فرمائي،

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **اِجوڪي رات** عظيم اها ۽ نوراني رات آهي جو جنهن ۾ اسان جي آقا، حبيبِ ڪبريا، معراج واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي هڪ عظيم مُعجِزَو عطا ٿيو. **اِجوڪي رات** تمام ملائڪن جي سردار حضرتِ سيدُنا جبريلِ امين عَلَیہِ السَّلَام نبي مختار صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي عظمت واري بارگاهه ۾ تمام تيز رفتار سُواري **بُراق** وٺي حاضر ٿيا، ملائڪن پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي گهوٽ بڻائي وڏي احترام سان بُراق تي سُوار ڪيو، آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ آناً فاناً مڪ مڪرم کان بيتُ المقدس پهتا، تمام نبين امام الانبياء صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو اِستقبال ڪيو، رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تمام نبين جي اِمامت فرمائي، **اِجوڪي رات** حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تمام آسمانن جي سير فرمائي ۽ انهن جا عجائبات ڏٺا، **اِجوڪي رات** حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هر هر آسمان تي انبياءِ ڪرام عَلَیھِمُ السَّلَام کي پنهنجي زِيارت سان نوازيو، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي تشريف آوري تي نبين مُبارڪبادون پيش ڪيون، رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سِدرَة

www.dawateislami.net

المُنتَهٰی تي پهتا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان هنڌ تي پهتا جو جنهن کان اڳتي وڌڻ جي ڪنهن کي مجال ناهي، ايستائين جو ان مقام تي جبريلِ امين عَلَيه السَّلَام بہ اوهان سان معذرت ڪئي، پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان مقام تي پهتا جتي عقل و خِرَد جي بہ رسائي ناهي، **اڄوڪي رات** پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اِنعاماتِ اِلٰهيہ سان نوازيو ويو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي خصوصي اِنعام عطا ٿيا، **اڄوڪي رات** پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ابتداءً 50 نمازن جو تحفو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ مان عطا ٿيو، جيڪو تخفيف کان پوءِ پنج نمازن جي صورت ۾ اسان تي فرض ڪيو ويو، **اڄوڪي رات** پاڻ سڳورنصَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنّت ۽ دوزخ جي سير فرمائي، اڄوڪي رات محبوبِ خدا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جو خاص قُرب حاصل ڪيو، حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي متي جي اکين سان خالق و مالڪِ ڪائنات رب عَزَّوَجَلَّ جو دِيدار ڪيو.

عظمتِ مُصطفٰي بيان ڪرڻ جو حق ڪير ادا ڪري سگهي ٿو؟ بهرحال نهايت ئي توجہ ۽ دِلجمعي سان ٻڌو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ معراج واري مصطفيٰ، حبيبِ ڪبريا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مَحَبَّت دِل ۾ وڌيڪ پيدا ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ابنِ سڪينہ جي هڪ مُريد جو واقعو

شيخ شهابُ الدّين سُهروردي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه هڪ حڪايت نقل ڪندي فرمائن ٿا تہ شيخ ابنِ سڪينہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جو هڪ سونارو (Goldsmith) مُريد هو، ان جو ڪم هي هو تہ هو صوفياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جا مُصَلا جامع مسجد کڻي

www.dawateislami.net

ويندا ۽ انهن کي وڃائيندا هئا ، جڏهن نمازِ جمعہ تي ويندي هئي تہ ان مُصَلّن کي هو خانقاه ۾ ڪٺي ايندو هو. هڪ جمعي تي ائين ٿيو تہ انهن مُصَلَّن کي جامع مسجد آڻڻ جي لاءِ گڏ ڪري ٻڌي ڇڏيو ۽ درياءِ دجلہ ۾ (جيڪو بغداد ۾ آهي) جمعي جي غسل لاءِ هليو ويو، ڪپڙا لاهي ڪناري تي رکي ڇڏيا ۽ پاڻي ۾ غوطو (Dive) لڳايو جڏهن مٿو مٿي ڪنيو تہ ان پنهنجو پاڻ کي درياءِ دجلہ ۾ نہ بلڪہ ٻئي هنڌ ڏٺو، ماڻهن کان ان هنڌ جي باري ۾ پڇيو تہ ٻڌايو ويو تہ هي مصر آهي، ان کي هن (واقعي) مان گهڻو تعجب ٿيو ۽ هو پاڻي مان نڪري شهر ۾ آيو، هڪ سوناري (Goldsmith) جي دڪان وٽ بيهي رهيو ۽ ان جي جسم تي صرف هڪ ڪپڙو هو جيڪو اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ ڪافي هو، دڪاندار (Shopkeeper) کي محسوس ٿيو تہ هي ماڻهو سونارو آهي تنهنڪري ان ڳالهين ڳالهين ۾ پتو لڳائي ورتو تہ هي شخص تہ هن فَن (Skill) ۾ گهڻو ئي ماهر آهي، دڪاندار ان جي عزت ۽ تڪريم ڪئي ۽ پنهنجي گهر وٺي آيو، پنهنجي ڌيءَ سان ان جو نڪاح ڪري ڇڏيو، پوءِ ست (7) سالن ۾ ان جا ٽي (3) ٻار ٿيا. اتفاق سان هڪ ڏينهن هو مُريد انهيءَ پاڻي وٽان گذريو تہ وهنجڻ جي لاءِ ان پاڻي ۾ غوطو لڳايو جڏهن پاڻي مان مٿو مٿي ڪنيو تہ پنهنجي پاڻ کي درياءِ دجلہ جي ساڳي هنڌ تي ڏٺو جتي ست (7) سال پهريان ان غوطو هنيو هو ۽ پنهنجي ڪپڙن کي ڪناري تي انهيءِ طرح رکيل ڏٺا جيئن ان رکيا هئا، پوءِ هو ڪپڙن کي پائي خانقاه ۾ آيو تہ مُصَلَّن کي بہ انهيءِ حال ۾ ڏٺو، ان کي ان جي ڪنهن ساٿي چيو:جلدي ڪريو ڇوتہ ڪجهہ ماڻهو صبح سويري ئي جامع مسجد وڃي چڪا آهن، پوءِ هو مُصَلَّا کڻي جامع مسجد ويو نماز پڙهي ۽ خانقاه واپس موٽي آيو اتي کان تعجب ۽ حيراني جي عالم ۾ گهر آيو گهرواريءِ پڇيو اهي ماڻهو ڪٿي آهن جنن جي لاءِ اوهان مڇي (Fish) پُچڻ جي لاءِ چيو هو، مڇي تيار ٿي چڪي آهي هو مهمانن کي وٺي آيو ۽ سيني مڇي

ڪاڏي.

پوءِ پنهنجي شيخ ابنِ سڪينہ رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه جي خدمت ۾ حاضر ٿي سمورو واقعو بيان ڪيو ۽ مصر ۾ اولاد جو بہ ذڪر ڪيو، شيخ حڪم ڏنو تہ مصر وڃو ۽ پنهنجي ٻارن ٻچن ڪي وٺي اچو، هو شخص ويو ۽ پنهنجي اهل و عيال ڪي وٺي آيو، ان ڪان پوءِ شيخ پڇيو تہ ڇا توهان جي دل ۾ ڪجھ وسوسو (Evil-whisper) ٿيو هو؟ ان شخص چيو ها! مون ڪي معراج جي باري ۾ ڪڏهن وهم ٿيو هو تہ رسولِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جسماني طور تي ايتري ٿوري دير ۾ ايترو وڏو سفر (Long Distance)ڪهڙي طرح طئي ڪيو؟ شيخ فرمايو تہ هي الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم آهي تہ ان تنهنجي شڪ ۽ شُبهي ڪي دُور ڪري ڇڏيو. (تحفۂ معراج النبی ،بیان تنویر السراج فی بیان المعراج،ص ۱۲۸،انباء الحی،مطلب نیف و عشرون...الخ،ص۸۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان اسان جي پياري آقا،مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي غلامن جي غلامن جا غلام بہ عين بيداري جي عالم ۾ منجهند جي وقت بغداد جي درياءِ دجلہ ۾ غوطو لڳايو تہ الله عَزَّ وَجَلَّ جي قدرت سان مصر ۾ وڃي نڪتا تہ پوءِ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عظمت ۽ بلنديءَ واري شان جو ڇا عالم هوندو. خليفۂِ اعليٰ حضرت مَلِڪ العُلَماء حضرت علامہ مولانا ظفرُ الدّين بهاري رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا تہ حضرت سَيدُنا سليمان عَلَیه الصَّلوٰۃ وَالسَّلَام جي وزير حضرت آصَف بن برخيا رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه (جيڪي ولِي الله هئا) جو واقعو قرآنِ ڪريم ۾ موجود آهي تہ پاڻ حضرت

www.dawateislami.net

سيدنا سليمان عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام کي عرض ڪيو: مان مَلڪ بلقيس جو تخت اوهان وٽ اک چنيڻ کان پهريان حاضر ڪندس ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو جڏهن تہ بلقيس جو تخت اسّي (80) گز ويڪرو، اسّي (80) گز بلند، سون چاندي جو هو، جنهن ۾ انتهائي وزني ۽ قيمتي هيرا جواهرات جَڙيل هئا، جڏهن ايترو وڏو ۽ وزني تخت اک چنبي کان پهريان مُلڪ يمن کان مُلڪ شام ۾ هڪ ولي جي ڪرامت سان پهچي وڃي تہ خود سيدِ عالَم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پنهنجي جسمِ نوراني سان (رات جي مختصر حصي ۾ مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصيٰ تائين ۽ اتان کان آسمانن تي) تشريف ڪٽي وڃڻ يقيناً ممڪن آهي. (تحفۂ معراج النبی ،بیان تنویر السراج...الخ،ص۱۳۱ملخصاً)

ممکن ہی نہیں عقلِ دو عَالم کی رسائی — ایسا دیا اللہ نے رُتبہ شبِ معراج
تفصیل سے کی سَیر مگر اِس پہ یہ طُرّہ — اِک پل میں یہ طے ہو گیا رستہ شبِ معراج

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| الله جي عنايت | مرحبا | معراج جي عظمت | مرحبا | اَقصيٰ جي شوڪت | مرحبا |
| بُراق جي قسمت | مرحبا | بُراق جي سُرعَت | مرحبا | نبين جي اِمامت | مرحبا |
| آقا جي رِفعت | مرحبا | آسمان جي سِياحت | مرحبا | مڪين لامڪان جي عظمت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ائين تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي تمام گهڻا معجزا عطا فرمايا آهن جنهن کي اسان شُمار نٿا ڪري سگهون، جيڪي معجزا ٻين نبين سڳورن عَلَيهِمُ السَّلَام کي عليحده عليحده عطا ٿيا اهي سڀ ٻہ۽ان کان علاوه ڪوڙ ٻيا معجزا بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

کي عطا ڪيا ويا، پياري مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ان هزارين معجزن مان هڪ مشهور ترين معجزو ۽ ڪائنات جو سڀ کان منفرد (Unique) واقعو مِعْرَاج شريف جو آهي جنهن ۾ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصي تائين ۽ پوءِ اتان کان آسمانن جي سير جي لاءِ تشريف کڻي ويا، اهو سڄو سفرِ معراج، حقيقت ۾ اسان جي پياري آقا، شبِ اِسراء جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون عظمتون ظاهر ڪري رهيو آهي،سفرِ معراج جي روانگي جي موقعي تي حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ سينو چاڪ ڪيو ويو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن مبارڪ سفر ۾ تمام نبين ۽ رسولن عَلَيهِمُ السَّلَامُ جي امامت فرمائي، هن مبارڪ سفر ۾ حضور ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جو دِيدار نصيب ٿيو، مطلب تہ سفرِ مِعرَاج سرڪارِ عالي وقار،محبوبِ رَبُّ العباد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اهو عَظِيمُ الشَّان معجزو آهي جو تاريخ ۾ هن جو مِثال نٿو ملي ۽ ان سان رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان و عَظَمَت ۽ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سندن مقام ۽ مرتبو سڄ کان وڌيڪ روشن ۽ واضِح ٿي ويندو آهي. اچو معراج جي واقعي جا مختلف پهلو ۽ سفرِ معراج ۾ سرڪارِ مدينہ، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۽ عظمت جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا. اُستادِ زمن، شهنشاهِ سُخن حضرت علّامہ مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هن مُبارڪ رات جي برڪتن بابت بيان ڪندي فرمائن ٿا:

معراج کی یہ رات ہے رحمت کی رات ہے فَرحَت کی آج شام ہے عِشرت کی رات ہے
ہم تِیرہ اَخْتَروں کی شفاعت کی رات ہے اِعزازِ ماہِ طَیْبہ کی رُؤیَت کی رات ہے
اِس شان ،اِس اَدا سے ثَنائے رسول ہو ہر شعر شاخِ گُل ہو تو ہر لفظ پھول ہو

www.dawateislami.net

حُضّار پر سَحابِ کرم کا نُزول ہو سرکار میں یہ نذرِ مُحقَّر قبول ہو
ایسی تَعَلِّیوں سے ہو معراج کا بیاں سب حاملانِ عرش سُنیں آج کا بیاں

**شعرن جي مختصروضاحت:**

اڄ خوشين سان ڀرپور شام ۾ رحمتن سان معمور رات آهي ڇوته اڄوڪي رات نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ گنهگارن جي سفارش ڪئي ۾ ديدارِ الٰهي سان فيضياب ٿيا. اڄوڪي رات پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اهڙي تعريف ۾ ساراهه بيان ڪريو جو نعت جو هر شعر گلن جي ٿاري جيان خوشنما ۾ شعر جو هر هر لفظ گلن وانگر مهڪي رهيو هجي، هن اجتماعِ ذڪرو نعت ۾ جيترا به ماڻهو حاضر آهن سيني تي رحمتِ الٰهي جي بارش نازل ٿئي، اي ڪاش! اسان جو هي ننڍڙو نذرانو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه بيڪس پناهه ۾ مقبول ٿئي. اڄوڪي رات پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي معراج اهڙي شان ۾ شوڪت سان بيان ٿئي جو عرش وارا ملائڪ به ٻڌي وٺن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**الله عَزَّوَجَلَّ جا شان وڏائي محبوب جي!**

سفرِ معراج ۾ عظمتِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هڪ نهايت زبردست پهلو هي آهي ته اللهعَزَّ وَجَلَّ پنهجي محبوب، داناءِ غُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن سفر جو تذڪرو قرآنِ ڪريم ۾ هن شان سان بيان فرمايو جو رات جي مختصر حصي ۾ ايترو وڏو سفر طئي ڪرائڻ کي پاڻ ڏانهن منسوب ڪندي فرمايو:

www.dawateislami.net

سُبْحَانَ الَّذِی أَسْرَى بِعَبْدِهِ لَيْلًا مِنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ إِلَى الْمَسْجِدِ الْأَقْصَى

تَرْجمو ڪنزالايمان: پاڪائِي آهي اُن کي جيڪو پنهنجي ٻانهي کي راتورات وٺِي ويو، مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصیٰ تائين،

حَضرتِ صدرُ الافاضِل مولانا سيد مُفتي محمد نعيمُ الدِّين مُراد آبادي رَحْمَۃ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا:”معراج شريف نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو هڪ مُعجِزو ۽ الله تَعَالٰي جي عظيم نعمت آهي ۽ هن مبارڪ سفر سان حُضُور اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو (بارگاهِ الٰهي عزّوجلّ) اهو ڪمالِ قُرب ظاهر ٿئي ٿو جيڪوالله عزّوجلّ جي مخلوقِ ۾ پاڻ ڪريم جي علاوه ڪنهن بي کي حاصل نہ ٿيو. (مزيد فرمائن ٿا) حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا جَلِيلُ الْقَدر صحابہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھم اجمعين انهيءَ جا مڃڻ وارا آهن تہ معراج شريف بحالتِ بيداري جسم ۽ رُوح ٻنهي سان ٿيو.

(خزائن العرفان،پاره١٥،بنی اسرائيل،تحت الاية١،ص ٥٢٥ ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رهي تہ توڙي جو هن آيتِ مبارڪ ۾ مسجدِ حرام (يعني خانہ ڪعبہ) کان وٺي مسجدِ اَقصيٰ (يعني بيتُ الَمقدَس) تائين جي سفر جو ذڪر فرمايو ويو آهي پر اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي شَبِ اَسرٰي جي دُولها صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو سَفرِ مِعراج، مسجدِ حرام کان شروع ٿي مسجدِ اَقصٰي تي ختم ناهي ٿيو بلڪ اسان جي نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحِيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مِعراج شريف جي رات نہ صِرف ستين آسمانن جي سَير فرمائي بلڪ ان کان بہ گهڻو اڳتي جيستائين الله عَزَّوَجَلَّ چاهيو تَشرِيف کڻي ويا. جيئن تہ

www.dawateislami.net

اَعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسُنَّت مولانا شاهه احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فتاويٰ رضويه شريف ۾ نَقل فرمائن ٿا: جڏهن حضرت مُوسيٰ عَلَیۡهِ السَّلَام کي دولتِ ڪلام عطا ٿي اسان جي نبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي اهڙي ئي شَبِ اِسرَاء (مِعرَاج واري رات) مِلي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سان هم ڪلام ٿيڻ کان علاوه الله عَزَّوَجَلَّ جي قُرب جي ويجهڙائي ۽ سَر جي اکين سان دِيدارِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ به نصيب ٿيو. ڪٿي جبل طُور جنهن تي حضرت مُوسيٰ عَلَیۡهِ السَّلَام سان مُناجات ٿيون ۽ ڪٿي عَرش کان به مٿي وارو مقام جتي اسان جي نبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان ڪلام ٿيو. مَزِيد فرمائن ٿا ته اسان جي نبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي جِسمِ پاڪ سان بيداري ۾ مِعرَاج واري رات آسمانن تائين تشريف ڪٺي ويا پوءِ اڳتي سِدرَةُ المُنتَهيٰ تائين پوءِ ان کان اڳتي مَقامِ مُستَويٰ تائين پوءِ ان کان به اڳتي عَرش و رَفرَف ۽ دِيدارِ (الٰهي عَزَّوَجَلَّ) تائين. (فتاويٰ رضويه، ۳۰/۶۴۶ملخصاً)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شقِ صدر جو واقعو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شان ۽ عظمت جو هڪ پهلو اهو به آهي ته سفرِ معراج جي دوران بَيتُ المَقدَس ڏانهن روانو ٿيڻ کان پهريان حطيمِ ڪعبه ۾ رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ سينو چاڪ ڪيو (يعني کوليو) ويو. جيئن ته ولي ڪامِل حضرت عَلّامه مَولانا مَخدوم محمد هاشِم ٺٽوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: منقول آهي ته شبِ معراج حضرت سَيِّدُنا جِبرائيل عَلَیۡهِ السَّلَام جن نبيِ پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سينهءِ پُر سڪينه کي شَق فرمايو. پوءِ سندن جي قلبِ اطهر کي ٻاهر ڪڍيو ۽ ايمان ۽ حڪمت سان ڀريل هڪ سُون جي ٿالهه ۾ رکي ڪري زم

www.dawateislami.net

زم شريف سان ڌوتو ويو. پوءِ (اوهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شاياںِ شان مزيد) حڪمت، ايمان ۽ نُورِنُبُوَّت سندن سيني ۾ پريو ۽ سينهءِ مبارڪ ۾ ان کي رکي ڪري سوئي سان سبيو ويو. عُلماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمائن ٿا ته رسولِ ڪريم، رؤفٌ رَّحِيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عمر مبارڪ ۾ چار ڀيرا شَقّ صَدر ٿيو ۽ معراج شريف جي رات پيش اچڻ وارو انهن مان چوٿون هو.

(سيرة سيد الانبياء،فصل دو ازدهم،ص۱۲۷ملتقطاً)

## شقِّ صدر جون حڪمتون

شيخُ الحديث حضرت علامه مولانا عبدُ المصطفٰي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه حضورِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سينو مُبارڪ چاڪ ڪرڻ جون حڪمتون بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مُقَدَّس سينو چار (4) ڀيرا چاڪ ڪيو ويو. پهرين دفعي جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرتِ سَيِدَتُنا حليمه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جي گهر هئا. ان جي حڪمت اها هئي ته حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان وسوسن ۽ خيالن کان محفوظ رهن جنهن ۾ ٻار مبتلا ٿي راندو روند ۽ شرارتن ڏانهن مائل ٿي ويندا آهن. ٻيو دفعو ڏهن 10 سالن جي عمر ۾ ٿيو ته جيئن نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جواني جي خواهشن جي خطرات کان بي خوف ٿي وڃن. ٽيون ڀيرو غارِ حرا ۾ شقِ صدر ٿيو ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قلبِ مبارڪ ۾ نُور ۽ سڪينه ڀريو ويو ته جيئن پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وحي الٰهي جي عظيم بوجھ کي برداشت ڪري سگهن. چوٿون ڀيرو مِعرَاج واري رات پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ سينو چاڪ ڪري نور ۽ حڪمت جي خزانن سان معمور ڪيو ويو، ته جيئن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قلب مبارڪ ۾ ايتري وسعت ۽

صلاحيت پيدا ٿئي جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دِيدار الٰهي عَزَّوَجَلَّ جون تجليون ۽ ڪلامِ رَبّاني جون عظمتون برداشت ڪري سگهن.
(سيرتِ مصطفيٰ،ص ۷۹-۸۰،بتغير قليل)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پياري محبوب جي سُواري

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معراج واري واقعي ۾ عظمتِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هڪ پهلو اهو به آهي ته هن عظيمُ الشان سفر ۾ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سواري جي لاءِ به انتهائي عظيمُ الشان جنّتي سواري ڪي چونڊيو ويو هو جيئن ته حضرت سَيِّدُنا اَنَس بِن مالِڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڪان مروي آهي ته پياري آقا، شبِ اسرٰي جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مون وٽ بُرَاق (جنهن جو نالو جارُود هو) آندو ويو، جيڪو گڏه ڪان وڏو ۽ خچر ڪان ننڍو، انتهائي سفيد رنگ جو ڊگهي قد وارو جانور هو، ان جو قدم اتي پوندو آهي جاتي ان جي نگاهه ختم ٿيندي هئي . (مسلم ،ڪتاب الايمان ، باب الاسراء برسول الله ...الخ ،ص۸۷،حديث:۴۱۱)

مشهور مُفسِّر قرآن، حڪيم الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: هتي (حطيمِ ڪعبه ۾) سينو پاڪ چاڪ ڪيو ويو، ڪوثر ۽ زمزم سان غسل ڏنو، جنّتي حُلّو پارائي حضور کي گهوٽ بڻايو ويو ۽ پوءِ هتان ڪان چج جي جلوس ۾ شبِ اَسري جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي وٺي ملائڪ هليا، جبريلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام تاجدارِ انبياء شبِ اَسري واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي سوار ڪيو، رڪاب جناب جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام ورتي ۽ لگام حضرت ميڪائيل عَلَيۡهِ السَّلَام پڪڙي ۽ ان وڏي شان سان گهوٽ جي سواري هلي.

خيال رهي تہ حضورِ انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو بُراق تي سوار ٿيڻ اظهارِ شان جي لاءِ هو جيئن گهوٽ گهوڙي تي هوندا آهن ۽ ڇاڃي پيادل، هي بُراق خاص تاجدارِ انبياء، معراج جي گهوٽ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ هو ۽ آهي. انهيءَ تي حضور معراج ۾ بہ سوار ٿيا ۽ قيامت ۾ بہ سوار ٿيندا. هي جنّت ۾ چرندو رهيو آهي، جنّت ۾ سواري جي لاءِ هر نبي جو هڪ عليحده بُراق هوندو پر حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو بُراق سڀني کان اعليٰ هوندو ۽ اهو هي ئي بُراق آهي.

(مرآة المناجيح،ص١٣٦-١٣٧ ملخصا،بتغيرقليل)

جِبرِیلِ امین بُراق لئے جنّت سے زمین پر آپہنچے  بارات فرشتوں کی آئی معراج کو دولہا جاتے ہیں
ہے خُلد کا جوڑا زیبِ بدن رحمت کا سجا سہرا سر پر  کیا خوب سُہانا ہے منظر معْراج کو دولہا جاتے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!  صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله عَزَّ وَجَلَّ !اسان جي پياري آقا، شبِ اَسرٰي واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عظيمُ الشّان سواري ڪيتري پياري هئي ۽ ان جي رفتار ڪيتري تيز هئي جو خُود حضورِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي عُمده رفتار جو عالَم هي بيان فرمايو تہ جتي ان جي نگاهہ پهچندي هئي اتي اهو بُراق پنهنجو قدم رکندو هو جڏهن تہ ان طرح ڏينهن جو سفر گهڙين ۾ طئي ڪندي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مسجدِ حرام کان هڪ مهيني کان بہ وڌيڪ مُسافت تي موجود مسجدِ اقصيٰ تائين هڪدم پهچي ويا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!  صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ياد رهي تہ معراج واري واقعي جي بيان تي مشتمل سوره بني اسرائيل جي پهرين ۽ مشهور آيتِ مُبارڪ ۾ آسماني سفر جي بدران جنهن مِعراج جي

حصي کي بَيان ڪيو ويو آهي اهو صِرف حِصّو پاڻ بہ بذاتِ خود نهايت ئي حيرت انگيز مُعجِزَو آهي ڇوتہ مسجدِ حرام ۽ مسجدِ اَقصٰي جي وچ ۾ تمام گهڻو فاصلو هو تنهنڪري ڪنهن عام شَخص جو مسجدِ حرام کان مسجدِ اَقصٰي تائين راتو رات وڃي واپس موٽڻ تہ تمام پري جي ڳالهہ آهي هڪ رات ۾ صِرف هڪ پاسي جو فاصلو طئي ڪرڻ بہ مُمڪن نہ هو.جيئن تہ صاحبِ رُوحُ البَيان حضرت علاّمہ اِسماعِيل حَقّي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا اَقصٰي تائين جو ذِڪر ان ڪري ڪيو تہ جو ان زماني ۾ مسجدِ اَقصٰي کان پري ڪا ٻي مسجد نہ هئي، مَڪہ مُڪرَّمَہ کان سڀ کان پري اها ئي مسجد هئي، مسجدِ حرام ۽ مسجدِ اَقصٰي جي وچ ۾ هڪ مهيني کان بہ گهڻي مَسَافَت جو فاصلو هو.

(روح البيان،پ ۱۵،بنی اسرائيل،تحت الآية:۱، ۵ /۱۱۴)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## امامُ الانبياء توهان آهيو

سفرِ معراج ۾ عظمتِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هڪ پهلو اهو بہ آهي تہ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن رات سينئي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي امامت فرمائي ۽ انهن کي پنهنجو مُقتدي بڻجڻ جو شرف عطا فرمايو، جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: مان ان (بُراق) تي سُواري ڪندي بَيتُ المَقدَس تائين پهتس ۽ جنهن هنڌ اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام پنهنجي سُوارين کي ٻڌندا هئا مون ان کي اتي ٻڌي ڇڏيو پوءِ مان مسجدِ (اَقصٰي) ۾ داخِل ٿيس ۽ ان ۾ ٻہ رڪعت نماز ادا ڪئي. (مسلم ،ڪتاب الايمان ، باب الاسراء برسول الله ...الخ ،ص۹۷،حديث۲۵۹)

www.dawateislami.net

ولي ڪامِل حضرت عَلّامہ مَولانا مَخدوم محمد هاشِم ٺٽوي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: هن نماز ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَتمام اَنبياءِ ڪرام عَلَیہِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جا اِمام هئا. (سيرة سيد الانبياء،ص١٢٨) (چوٿو) پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي عظيم شان جي اِظهار جي لاءِ بَيتُ المَقدَس ۾ تمام اَنبياءِ ڪرَام عَلَیہِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام کي گڏ ڪيو ويو هو. (سنن النسائی، کتاب الصلاۃ، باب فرض الصلاۃ...الخ، ص٨١، حديث:۴۴٨) جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هتي تَشرِيف فرما ٿيا تہ انهن سيني پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي ڏسي خُوش آمديد چيو ۽ نماز جي وقت سيني پاڻ ڪريمنصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي اِمامَت جي لاءِ اڳتي ڪيو، پوءِ حضرتِ جِبرائيل عَلَیہِ السَّلَام هٿ مُبارَڪ پڪڙي اڳتي ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تمام انبياءِ ڪرَام عَلَیہِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي اِمامَت فرمائي.

(المعجم الاوسط ،من اسمه علی،۶۵/٣،حديث:٣٨٧٩والسيرة الحلبية،باب ذکر الاسراء...الخ، ۵٢۵/١)

نمازِ اقصيٰ ۾ حضورِ اڪرم ،نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اِمامت فرمائڻ جي هن ايمان افروز ۽ رُوح پروَر لمحي جي منظر ڪشي ڪندي شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ پنهنجي نعتيہ دِيوان "وسائلِ بخشش" ۾لکن ٿا.

اقصیٰ میں سُواری جب پہنچی جبرِیل نے بڑھ کے کہی تکبیر نبیوں کی امامت اب بڑھ کر سُلطانِ جہاں فرماتے ہیں
وہ کیسا حسیں منظر ہو گا جب دولہا بنا سرور ہو گا عُشّاق تصوُّر کر کر کے بس روتے ہی رہ جاتے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ! ڇا خُوب نماز آهي جو تمام اَنبياء و رُسُل عَلَیہِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام مقتدي، اسان جا پيارا آقا، اِمامُ الانبياء صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اِمام ۽ پهريون قبلو

www.dawateislami.net

نماز جو هنڌ آهي، يقيناً ڪائنات ۾ اهڙي نماز پهريان ڪڏهن نہ ٿي، فلڪ اهڙو نَظارو ڪڏهن نہ ڏٺو. بهر حال اڄ شَبِ اَسرٰي جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَوّل ۽ آخر هئڻ جو راز بہ کلي ويو، هن راز تان بہ پَردو کڄي ويو ۽ معنٰي روزِ روشن جيان واضح ٿي وئي، چوتہ اڄ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪي سڀني کان آخري رسول آهن، اڳوڻن نبين ۽ رسولن جي اِمامَت فرما رهي آهن. انهيءَ راز کي بَيان ڪندي اَعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسُنَّت، مولانا شاه اِمام احمد رضا خان عَلَيہِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا:

نمازِ اَقصٰی میں تھا یہی سِرّ، عیاں ہوں مَعنیِ اوّل آخِر کہ دَست بستہ ہیں پیچھے حاضِر، جو سلطنت آگے کر گئے تھے[1]

مختصر وضاحت:

شبِ معراج مسجدِ اقصيٰ ۾ جيڪو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام انبياءِ ڪرام و رسل عظام عليهم السلام کي نماز پڙهائي، ان ۾ اهو راز هو تہ پهرين ۽ آخري جو فرق واضح ٿي وڃي (چوتہ آخر ۾ اچڻ جو مطلب هي ناهي تہ آخري جو شان ۽ عظمت بہ گهٽ آهي) جيڪي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان اڳ ۾ پنهنجي نبوتن جو اظهاري ڪري ويا هئا اهي سڀ جا سڀ هٿ ٻڌي خاتم الانبياء صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پنيان بيٺل هئا ۽ امامت جو تاج شبِ معراج، شبِ اسريٰ واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا ٿيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا خُطبا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سفرِ معراج ۾ عظمتِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هڪ پهلو هي بہ آهي تہ بيتُ المَقدَس ۾ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام

1...حدائق بخشش، ص ۲۳۲

www.dawateislami.net

جي اڳيان حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي ۽ پنهنجي اُمت جي زبردست شان ۽ ڪمال کي نہ صرف پاڻ بيان ڪيو بلڪ حضرت سَيدُنا ابراهيم خليلُ الله عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام بہ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مرتبي جي بلندي کي بيان فرمايو. جيئن بيتُ المَقدَس ۾ پڙهي ويندڙ نماز کان پوءِ بعض جليلُ القدر انبياءِ ڪرَام عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام خُطبو بہ ڏنو جنهن ۾ الله عَزَّ وَجَلَّ جي حمد ۽ پاڻ تي الله عَزَّ وَجَلَّ جي رحمتن ۽ نعمتن جو تذڪرو فرمايو، سڀ کان پهريان حضرت سَيدُنا ابراهيم عَلَيه السَّلَام خُطبو پڙهيو، پوءِ حضرتِ سَيدُنا موسيٰ عَلَيه السَّلَام خطبو پڙهيو، ان کان پوءِ حضرتِ سَيدُنا داؤد عَلَيه السَّلَام خطبو پڙهيو، پوءِ حضرتِ سَيدُنا سليمان عَلَيه السَّلَام خطبو پڙهيو، ان کان بعد حضرتِ سَيدُنا عيسيٰ عَلَيه السَّلَام خطبو پڙهيو، جڏهن اهي تمام انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام الله عَزَّ وَجَلَّ جي حمد و ثنا ۽ پاڻ تي ان جون رحمتون ۽ عطائون بيان ڪري چڪا تہ تمام نبين جي سردار،احمدِ مختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن خطبو ڏنو. خطبي کان پهريان رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن انبياءِ ڪرَام عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام کي فرمايو تہ توهان سيني پنهنجي ربّ عَزَّ وَجَلَّ جي ساراهہ بيان ڪئي آهي ۽ هاڻي مان ربّ عَزَّ وَجَلَّ جي ساراهہ ۽ ثنا بيان ڪيان ٿو، پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله عَزَّ وَجَلَّ جي حمد ۽ پنهنجي شان بيان ڪندي ارشاد فرمايو: تمام ساراهہ الله عَزَّ وَجَلَّ جي لاءِ جنهن مون کي تمام جهانن جي لاءِ رحمت ۽ تمام انسانن جي لاءِ خوش خبري ٻڌائڻ وارو ۽ ڊپ ٻڌائڻ وارو بڻائي موڪليو، مون تي حق ۽ باطِل ۾ فرق ڪرڻ واري ڪتاب (قرآن) کي نازِل فرمايو جنهن ۾ هر شيءِ جو روشن بيان آهي، منهنجي اُمَّت کي ماڻهن ۾ ظاهر ٿيڻ وارين سيني اُمَّتن مان بهترين ۽ افضل اُمَّت بڻايو ۽

www.dawateislami.net

انهن کي اوّل بہ بڻايو ۽ آخر بہ (منهنجي اُمت کان پوءِ کا اُمت نہ ٿيندي اها ئي آخري اُمت آهي ۽ جنّت ۾ داخلي جي اعتبار سان تمام اُمتن مان منهنجي ئي اُمت اَوّل هوندي)، منهنجي لاءِ منهنجو سينو کشادو فرمايو، مون کان بوجھ کي پري فرمايو، منهنجي ذِڪر کي بلند فرمايو ۽ مون کي فاتِح ۽ خاتِم (يعني آخري نبي) بڻايو.

حضورِ اکرم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اهي عظيمُ الشّان فضائل بڌي حضرتِ سيدُنا ابراهيم عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام انبياء ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام کي فرمايو: بِهٰذَا فَضَلَكُمْ مُحَمَّدٌ يعني هنن عظمتن جي ڪري مُحَمَّد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اوهان سڀني تي فضيلت ۽ برتري حاصل آهي. (دلائل النبوة للبيهقى،جماع ابواب المبعث،باب الدليل ...الخ، ٢/٤٠٠ملخصاً)

ہر ایک نبی بلکہ سب اَفلاک کے قُدسی پڑھتے تھے شہنشاہ کا خُطبہ شبِ معراج

سُبْحٰنَ الله عَزَّ وَجَلَّ! اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ڪيتري قدر عالي ۽ بلند آهي جو حضرتِ سيدُنا ابراهيم خَلِيلُ الله عَلٰي نَبِينَا وَ عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام بہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان بيان ڪيو ۽ سڀني انبياء ڪرَام عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام تي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فضيلت جو اِعلان فرمائن ٿا، پوءِ اسان چو نہ چئون تہ

سب سے اولٰی و اعلٰی ہمارا نبی سب سے بالا و اعلٰی ہمارا نبی
خَلق سے اولیاء، اولیا سے رُسُل اور رسولوں سے اعلٰی ہمارا نبی
ملکِ کونین میں انبیا تاجدار تاجداروں کا آقا ہمارا نبی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| الله جي عنايت | مرحبا | معراج جي عظمت | مرحبا | اَقصيٰ جي شوڪت | مرحبا |
| بُراق جي قسمت | مرحبا | بُراق جي سُرعَت | مرحبا | نبين جي اِمامت | مرحبا |
| آقا جي رِفعت | مرحبا | آسمان جي سِياحت | مرحبا | مڪينِ لامڪان جي عظمت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## معراج جي لاءِ آسمان جو خصوصي دروازو کوليو ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سفرِ معراج ۾ تاجدارِ انبياء، شبِ اَسري واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۽ عظمت جو اندازو هن ڳالھ مان به لڳايو ته آسمان تي گھڻا دروازا آهن جيڪي مختلف ڪمن جي لاءِ مختلف اوقات ۾ کلن ٿا، ان مان هڪ دروازو صرف مِعرَاج واري رات هي خاص طور تي اسان جي پياري آقا، معراج واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اعزاز و اڪرام جي لاءِ کوليو ويو، اهو دروازو نه پهريان ڪڏهن ڪنهن جي لاءِ کوليو ويو ۽ نه ئي اوهان کان پوءِ ڪنهن جي لاءِ کيوليو ويندو، جيئن

حضرتِ سَيدُنا عبدُالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته حضرت جبرائيل عَلَيهِ السَّلَام (مِعرَاج واري رات)نبي ڪريم، رؤفٌ رّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽ وينل هئا، انهيءَ دوران پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مٿان کان هڪ آواز ٻڌو ته پنهنجو سرِ مُبارڪ مٿي ڪنيو، حضرت جبريلِ امين عَلَيهِ السَّلَام عرض ڪيو: حضور اهو آسمان جو اهو دروازو کوليو ويو آهي جيڪو اڄ کان پهريان ڪڏهن ناهي کوليو ويو، پوءِ ان دروازي مان هڪ ملائڪ لٿو ته حضرت جبريلِ امين عَلَيهِ السَّلَام عرض ڪيو: هي اهو ملائڪ آهي جيڪو اڄ کان پهريان ڪڏهن زمين تي ناهي لٿو، اهو ملائڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ سلام چئي عرض گُذار ٿيو ته اوهان کي اهڙن ٻن (2) نُورن جي

www.dawateislami.net

خوشخبري هجي جيڪي اوهان جي علاوه ڪڏهن ڪنهن کي عطا نہ ڪيا ويا (1) سوره فاتحہ ۽ (2) سُوْرَةُ بَقَرَة جون آخري آيتون، هنن ٻنهي جي هڪ اکر جي بدلي اوهان کي اجر عطا ڪيو ويندو.

(مسلم،كتاب صلاة المسافرين،باب فضل الفاتحة... الخ، ص٣١۴، حديث:١٨٧٧)

مشهور مُفسِّرقرآن،حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: آسمان جا ڪروڙين دروازا آهن، جنهن مان مختلف شيون ايندیون ويندیون آهن، ڪن دروازن مان رِزق ايندو آهي، ڪن مان عذاب نازل ٿيندو آهي، ڪن مان دُعائون ۽ توبہ ويندي آهي، بعض مان خاص ملائڪ لهندا آهن، هڪ دروازو اهو بہ آهي جيڪو صرف مِعرَاج واري رات حضورِانور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ کوليو ويو. (مرآة المناجيح، ١٣٨/٨ ملخصاً)

سُوره فاتِحَه 100 ڀيرا پڙهي ڪري جيڪا دُعا گهري وجي، الله عَزَّ وَجَلَّ قَبول فرمائي ٿو. (جنتي زيور، ص۵٨٧)

جنهن گهر ۾ (سوره بقره جي آخري) ٽن آيتن کي پڙهيو ويندو شيطان 3 ڏينهن تائين ان جي ويجهو نہ ايندو. (المستدرك ،كتاب فضائل القرآن ،باب آيتا ن من آخر سورة البقرة ..الخ ،رقم ٢١٠٩،ج ٢ ،ص ٢۶٨)

جيڪو شخص (سوره) بقره جون آخري 2 آيتون رات جو پڙهندو اهي ان کي ڪفايت ڪنديون." (بخاري، كتاب فضائل القرآن ،باب فضل البقرة ،رقم ۵٠٠٩ ،ج٣، ص ۴٠۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## آسمان ڏانهن عُرُوج

سفرِ معراج ۾ شان و عظمتِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هڪ پهلو هي بہ آهي تہ اوهان آسمانن جي بہ سير فرمائي ۽ اتي جي ملائڪن جي علاوه

مختلف انبياء ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام اوهان جو ڀرپور استقبال بہ فرمايو. پوءِ بَيتُ المَقدس جي مُعَامَلات کان فارِغ ٿيڻ کان بعد پياري پياري آقا، مَني مَني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آسمان ڏانهن سفر شروع فرمايو ۽ هر بلندي کي پوئتي ڇڏيندي تيزي سان آسمان ڏانهن اڳتي وڌندا هليا ويا، هڪدم پهريون آسمان اچي ويو.

حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جي هڪ دروازي تي آيا جنهن کي بَابُ الْحَفَظَه چيو ويندو آهي، ان تي اسماعيل نالي هڪ ملائڪ مُقَرَّر آهي. (عمدة القارى، كتاب مناقب الانصار، باب المعراج، ۶۰۳/۱۱، تحت الحديث:۳۸۸۷) حضرتِ جبرائيل عَلَيه السَّلَام دروازو کولائڻ چاهيو. پڇيو ويو: ڪير آهي؟ حضرت جبريلِ امين عَلَيه السَّلَام جواب ڏنو: جبريل آهيان. پڇيو ويو: اوهان سان گڏ ڪير آهن؟ جواب ڏنو: محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ . پڇيو: ڇا انهن کي سڏيو ويو آهي؟ جواب ڏنو: هائو. ان تي اهو چئي دروازو کوليو ويو: مَرْحَبًا بِهٖ فَنِعْمَ الْمَجِيءُ جَاءَ يعني خوش آمديد! ڪيترا ڀلا آهن جيڪي تشريف کڻي آيا آهن. (بخارى، كتاب مناقب الانصار، باب المعراج، ۵۸۴/۲، حديث:۳۸۸۷)

مشهورمُفسِّرقرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: جيتوڻيڪ ملائڪن ۾ تاجدارِ انبياء، شبِ اَسري واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد جو پهريان کان ئي اعلان ٿي چڪو هو ۽ آسمانن کي هر طرح سجايو ۽ سينگاريو ويو هو، تشريف آوري جي ڌوم مچيل هئي، ان رات ڪروڙين ملائڪ تہ حضورِانور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي وٺڻ لاءِ مڪہ معظمہ آيا هئا ۽ ڪوڙ ملائڪ استقبال جي لاءِ پنهنجي پنهنجي ذميدارين تي هئا ۽ اڄ جبريلِ امين عَلَيه السَّلَام ان دروازي کان حضور عَلَيه الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام کي وٺي ويا جيڪو

www.dawateislami.net

اج تائين ڪنهن جي لاءِ نہ کوليو ويو هو اهو صرف حضورِ انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ ئي هو. (اهي سموريون ڳالهيون معلوم ٿيڻ ۾ ملائڪن ۾ تاجدارِ انبياء، شبِ اَسري واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تشريف فرما ٿيڻ جي شهرت جي باوجود) دربان ملائڪ اهي تي سوال (تہ توهان ڪير آهيو ؟ توهان سان گڏ ڪير آهن؟ ۽ ڇا انهن کي سڏيو ويو آهي؟) صرف ان ڪري آهن جو جبريل هي دروازو توهان جي لاءِ تہ آهي نہ، توهان جو دروازو تہ کو ٻيو آهي، اڄ توهان هتان ڇو داخل ٿيڻ چاهيو ٿا، انهن فرمايو تہ اڄ مان بہ انهن سان گڏ آهيان جنهن جي لاءِ اهو دروازو ٺاهيو ۽ بند رکيو آهي ،اڄ هن دروازي جي کلڻ جو ڏينهن آهي، تنهنڪري اهي سوال صرف ۽ صرف ضابطي ۽ قانون جي ڪاروائي مکمل ڪرڻ جي لاءِ ڪيا ويا هئا. (مرآة المناجيح، ۱۳۸/۸ ملخصاً)

جڏهن رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دروازي مان لنگهي آسمان ڪان مٿي تشريف کڻي ويا تہ ڏٺائون حضرتِ آدم عَلَيه السَّلَام تشريف فرما آهن. حضرتِ جبرائيل عَلَيه السَّلَام عرض ڪيو: هي اوهان جا والِد،حضرتِ آدم عَلَيه السَّلَام آهن، انهن کي سلام ڪريو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سلام چيو، اُنهن سلام جو جواب ڏنو پوءِ رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد تي خوشي جو اظهار هنن لفظن سان ڪيو: مَرْحَبًا بِالْاِبْنِ الصَّالِحِ وَالنَّبِی الصَّالِحِ يعني صالح پٽ ۽ صالح نبي کي خوش آمديد. (بخاری، كتاب مناقب الانصار،باب المعراج،۵۸۴/۲،حديث:۳۸۸۷)

اهڙي طرح هر آسمان تي سوال و جواب ۽ انبياء ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام سان ملاقاتون ٿينديون رهيون مثال طور ٻئي آسمان تي حضرتِ يحيىٰ ۽ حضرتِ عيسيٰ عَلَيهِمَاالصَّلٰوة وَالسَّلَام کي مُلاحظ فرمايو، هي ٻئي ماسات آهن. ٽئين آسمان تي حضرتِ يوسُف عَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام کي مُلاحظ فرمايو. چوٿين آسمان تي حضرتِ

اِدرِيس عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام کي مُلاحظ فرمايو. پنجين آسمان تي حضرتِ هارون عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام، ڇهين آسمان تي حضرتِ موسيٰ عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام کي ملاحظ فرمايو پوءِ ستين آسمان تي حضرتِ ابراهيم خَلِيلُ الله عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام کي مُلاحظ فرمايو، پاڻ عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام بَيتُ المَعمور سان ٽيڪ لڳائي تشريف فرما هئا. (هنن سيني نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلوٰة وَالسَّلَام حضورِ اکرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو استقبال فرمايو) (بخارى،کتاب مناقب الانصار،باب المعراج، ۵۸۴/۲، حديث: ۳۸۸۷ـمسلم، کتاب الايمان، ص۸۹،حديث:۴۱۶)

## سِدرَة المُنتهيٰ

مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل 134 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فيضانِ معراج“ جي صفحي 34 تي آهي: ستين آسمان تي حضرتِ اِبرَاهيم خَلِيّلُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام سان مُلاقات فرمائڻ کان پوءِ مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سدرة المنتهٰي جي ويجهو تشريف کڻي آيا. (بخارى، کتاب مناقب الانصار، باب المعراج،۵۸۴/۲،حديث:۳۸۸۷) هي هڪ نُوراني ٻير جو وڻ آهي، جنهن جي پاڙ ڇهين آسمان تي ۽ شاخون ستين آسمان جي مٿان آهن. (مرآة المناجيح،۱۴۳/۸) ان جا ميوا مقامِ هِجر جي مٽڪن جيان وڏا وڏا ۽ پن هاٿي جي ڪنن وانگر آهن حضرتِ جِبرائيل عَلَيه السَّلَام جن عرض ڪيو: هي سِدرَة المُنتَهيٰ آهي. پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اتي چار نهرون ملاحظ فرمايون، جيڪي سِدرَة المُنتَهيٰ جي پاڙ مان نڪري رهيون هيون، ان مان ٻہ (2) تہ ظاهر هيون ۽ ٻہ (2) خُفّيہ (پوشيده). پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ جِبرائيل عَلَيه السَّلَام کان دريافت فرمايو: اي جِبّرَائيل! هي نهرون ڇا آهن؟ عرض ڪيو: خُفّيہ نهرون تہ جنّت جون آهن (اهي جنّتي نهرون ڪوثر ۽ سلسبيل آهن يا ڪوثر ۽

www.dawateislami.net

نهرِ رحمت (مرآة المناجيح، معراج کا بيان، ۱۴۴/۸) ۽ ظاهري نهرون نِيَل ۽ فُرَات آهن.
(بخاری،کتاب مناقب الانصار،باب المعراج،۵۸۴/۲،حديث:۳۸۸۷۔مسلم، کتاب الايمان ، ص۸۹،حديث:۴۱۶)

يہ عزّ و جلال الله! الله! يہ اَوج و کمال الله! الله! يہ حسن و جمال الله! الله! معراج کو دولہا جاتے ہیں
ديوانو! تَصَوُّر میں دیکھو! اَسرٰی کے دولہا کا جلوہ جُھرمُٹ میں مَلائک لیکر انہیں معْراج کا دولہا بناتے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| الله جي عنايت | مرحبا | معراج جي عظمت | مرحبا | اَقصيٰ جي شوڪت | مرحبا |
| بُراق جي قسمت | مرحبا | بُراق جي سُرعَت | مرحبا | نبيين جي اِمامت | مرحبا |
| آقا جي رِفعت | مرحبا | آسمان جي سِياحت | مرحبا | مڪينِ لامڪان جي عظمت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب ”فيضانِ معراج“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضورِ اڪرم ،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معراج جي ايمان افروز واقعي بابت وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ ۽ ان مان حاصل ٿيڻ واري عظمتِ مُصطَفٰي جا مدني گل چونڊڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 134 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فيضانِ معراج“ جو مطالعو ڪرڻ بيحد مفيد آهي. اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ ❀ معراج جي ترتيب وار مرحلن جو تفصيل ❀مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصي تائين جي سفر جا مشاهدا ❀ آسماني سفر جي دوران ۽ جنّت و دوزخ جا

www.dawateislami.net

مشاهدا ❀انبياءِ ڪرام سان ملاقات بابت تفصيل ❀ ڪوڙ سارا متفرق مدني گل ۽ ❀معراج شريف جي باري ۾ ڪجھ نعتيہ ڪلام وغيره نهايت عُمده ۽ آسان انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن. لهٰذا اڄ ئي هن ڪتاب کي مکتبةُ المدينہ جي بستي تان هديةً حاصل ڪريو ۽ ان جو مطالعو بہ ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رِسالي کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگھجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگھجي ٿو.

## ڪتاب"فَيضَانِ رَمَضان" جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رمضان جي مهيني جي آمد آمد آهي، فيضانِ رَمَضان سان مالا مال ٿيڻ جي لاءِ شيخ ِطريقت،امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي تصنيف"**فيضانِ رَمَضان**" جو مطالعو ڪريو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ روزن، تَرَاوِيح، سحري ۽ اِفطار، اِعتِڪاف، صَدَقَہ فِطر ۽ عِيدُ الفِطر وغيره جي فضيلتن ۽ اَحڪامن کي سولي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جيئن تہ هن مهيني جا روزا اسان تي فرض آهن لهٰذا انهن روزن جي شرعي مسئلن کي سکڻ بہ اسان جي لاءِ ضروري آهي ۽ "**فيضانِ رَمَضَان** " ۾ روزي جا عمومي مسئلا ۽ اَحڪام موجود آهن، لهٰذا اڄ ئي هن ڪتاب کي مکتبةُ المدينہ جي بستي تان هديةً حاصل ڪريو ۽ ان جو مطالعو بہ ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رِسالي کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگھجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگھجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## مقامِ مُستَويٰ

جڏهن پيارا آقا، مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سِدرَة المُنتَهيٰ جي اڳيان وڌيا تہ حضرتِ جِبرائيل عَلَيه السَّلاَم اُتي بيهي رهيا ۽ اڳيان وڃڻ کان معذرت ڪئي. (المواهب اللدنية، المقصد الخامس،۳۸۱/۲) رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو تہ مون جبريلِ امين کان پڇيو: ڇا توهان پنهنجي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ کي ڏٺو آهي؟ تہ اُنهن چيو تہ مون ۽ منهنجي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ جي وچ ۾ نُور جا ستر(70) پردا آهن جيڪڏهن مان انهن مان ڪنهن جي ويجهو بہ ويندس تہ سڙي ويندس. (کنز العمال،کتاب القيامة،باب رؤية الله تعالىٰ ،قسم الاقوال،جزء ۱۴،۷/۱۹۱،حديث:۳۹۲۰۴)

جبرِیل ٹھہر کر سدرہ پر بولے جو بڑھے ہم ایک قدم جل جائیں گے سارے بال و پَر اب ہم تو یہیں رہ جاتے ہیں

پوءِ مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ (اڪيلا سدرة المنتهيٰ کان) اڳتي وڌيا ۽ بُلندي جي طرف سَفر فرمائيندي هڪ مقام تي تشريف کڻي آيا، جنهن کي مُستَويٰ چوندا آهن، اتي سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قلمن جي چرڙات جو آواز ٻڌو. (بخاری، کتاب الصلاة، باب کيف فرضت...الخ، ص۱۶۱، حديث:۳۴۹) هي اُهي قلم هئا جنهن سان فرشتا روزانو اَحڪامِ الٰهيه لکندا آهن ۽ لَوحِ محفُوظ مان هڪ سال جا واقعات الڳ الڳ صحيفن تي نقل ڪندا آهن ۽ پوءِ هي صحيفا شَعبان جي پندرهين 15 رات متعلّقِه احڪام فرشتن جي حوالي ڪيا ويندا آهن. (مرآة المناجيح، ۱۵۵/۸)

## شعبانُ المعظم سان خاص محبت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اعمال نامو تبديل ٿيڻ جي حوالي سان شعبانُ المعظم نهايت ئي اهميت وارو آهي ۽ اينڌڙ مهينو مدني يعني قمري مهينو

www.dawateislami.net

"شعبانُ المعظّم" آهي، اسان کي گهرجي تہ فرائض ۽ واجبات جي ادائيگي سان گڏوگڏ شعبانُ المعظّم ۾ نفل نمازن ۽ نفل روزن جو بہ خُوب خُوب اهتمام ڪيون، اسان جي پياري آقا،مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هن مُبارڪ مهيني کي پاڻ ڏانهن منسوب ڪندي ارشاد فرمايو: شَعْبَانُ شَهْرِى وَ رَمَضَانُ شَهْرُ الله يعني شعبان منهنجو مهينو آهي ۽ رمضان الله عَزَّوَجَلَّ جو مهينو آهي. (جامع صغير، حرف الشين، ص٣٠١،حديث: ٤٨٨٩)

## شعبان جي روزن جي فضيلت

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ شعبانُ المعظّم جي نفلي روزن کي رمضانُ المبارڪ جي فرض روزن کان بعد سڀ کان افضل قرار ڏنو ۽ جيئن تہ هن مهيني ۾ تمام ٻانهن جا عمل الله عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاه ۾ پهچايا ويندا آهن ان جي ڪري اُمت کي روزن جي ترغيب ڏيڻ جي لاءِ هن مهيني ۾ پاڻ بہ ڪثرت سان روزا رکيا. اچو شَعبانُ المعظم جي روزن جي فضيلت جي باري ۾ ٽي (3) فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا.

1. نبي ڪريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان سوال ڪيو ويو تہ رمضان کان پوءِ ڪهڙو روزو افضل آهي؟ارشاد فرمايائون: رمضان جي تعظيم جي لاءِ شَعبان جو روزو رکڻ. (شعب الايمان،باب الصيام،صوم شعبان،٣/٣٧٧، حديث:٣٨١٩)

2. اُمُّ المؤمنين حضرتِ سَيّدَتُنا عائشہ صِديقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہا فرمائن ٿيون: ”تاجدار رسالت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پوري شَعبان جا روزا رکندا هئا، (پوءِ) فرمائن ٿيون تہ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! ”ڇا

www.dawateislami.net

سيني مهينن ۾ توهان وٽ وڏيڪ پسنديده شَعبان المعظم جا روزا رکڻ آهي؟ ارشاد فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ هن سال مرڻ واري هر جان کي لکي ڇڏيندو آهي ۽ مون کي هي پسند آهي تہ منهنجو آخري وقت اچي ۽ آءُ روزيدار هجان. (مسندابی یعلی،۲۷۷/۴،حدیث:۴۸۹۰)

3. ارشاد فرمايائون: رجَب ۽ رَمَضان جي وچ ۾ اهو مهينو آهي، ماڻهو هن کان غافِل آهن. هن ۾ ماڻهن جا عمل الله عَزَّ وَجَلَّ ڏانهن کنيا ويندا آهن. ۽ مون کي هي محبوب آهي تہ منهنجو عمل هن حال ۾ کنيو وڃي جو مان روزيدار هجان. (شعب الایمان،باب فی الصیام،صوم شعبان، ۳۷۷/۳، حدیث:۳۸۲۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو تہ اسان جي بخشي بخشائي آقا، اسان گنهگارن کي بخشائڻ واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي عبادت جو عالم هي هو تہ آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن مقدس مهيني ۾ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ نفلي عبادت جو گهڻو اهتمام ڪندا هئا ۽ هڪ اسان آهيون جو اسان جي زندگي ۾ نہ ڄاڻي ڪيترا پيارا شعبان المعظم جو مبارڪ مهينو تشريف ڪٺي آيو ۽ بخشش ۽ مغفرت جا پروانا تقسيم ڪندي رخصت ٿي ويو پر اسان هن مبارڪ مهيني ۾ پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪرڻ، آئنده گناهن کان بچڻ جو پڪو ارادو ڪرڻ، فرض نمازن جو اهتمام ڪرڻ، صدقو ۽ خيرات ڪرڻ، تلاوتِ قرآن ڪريم، ذڪر و درود، روزن ۽ ٻين نفلي عبادت جي ڪثرت ڪرڻ ۽ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ ۾ ناڪام رهياسين. .الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ، دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ نجات ماڻڻ جي لاءِ اسان کي خوب خوب عبادت ڪرڻ گهرجي، رجب ۽ شعبان جي مهينن جي نفل روزن جو اهتمام بہ ڪرڻ گهرجي، شعبان المعظم جي سڄي مهيني ۾

www.dawateislami.net

بالخصوص 15 شعبان جو عبادت ۽ استغفار جي خوب ڪثرت ڪريون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ دعائون گهرون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عرشِ عُليٰ کان بہ مٿي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آسماني سير جو ايمان افروز تذڪرو ٻڌي رهيا هئاسين تہ جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سدرة المنتهيٰ کان اڳتي وڌيا ۽ بُلندي جي طرف سَفر فرمائيندي هڪ مقام تي تشريف کڻي آيا، جنهن کي مُسّتَويٰ چوندا آهن، اتي سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قلمن جي چرڙاٽ جو آواز ٻڌو جنهن سان ملائڪ روزانو اَحڪامِ الٰهيه لکندا آهن ۽ پوءِ مُسّتَويٰ کان اڳيان وڌيا تہ عرش آيو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان بہ مٿي تشريف کڻي آيا ۽ پوءِ اُتي پهتا جتي خود "ڪيڏانهن ۽ "ڪڏهن" بہ ختم ٿي چُڪا هئا، چو جو هي الفاظ جڳهہ ۽ زماني جي لاءِ چيا ويندا آهن ۽ جتي اسان جا سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رونق افروز ٿيا هئا اتي جڳهہ هئي نہ زمانو. انهي ڪري ان کي لامڪان چوندا آهن.

الله کی رَحمت سے سَرور جا پہنچے دَنَا کی منزِل پر الله کا جلوہ بھی دیکھا دِیدار کی لذّت پاتے ہیں

هتي الله رَبُّ العِزّت عَزَّ وَجَلَّ پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اهو قربِ خاص عطا فرمايو جيڪو ڪنهن کي نہ مليو نہ ملندو. حديث شريف ۾ ان جي بيان جي لاءِ قَابَ قَوْسَين جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. (بخاری،

كتاب التوحيد، باب قوله تعالى:و كلم اللّٰه...الخ،۵۸۱/۴،حديث:۷۵۱۷) جنهن کي ان وقت استعمال ڪيو ويندو آهي جڏهن انتهائي قُرب ۽ ويجهڙائي ڏيکارڻ مقصد هوندو آهي.

## ديدارِ الٰهي ۽ هم ڪلامي جو شَرَف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رحمت عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۽ عظمت جو هڪ واضح ۽ روشن پهلو اهو به آهي ته مِعرَاج واري رات پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيداري جي حالت ۾ سر جي اکين سان پنهنجي پياري ربّ عَزَّوَجَلَّ جو ديدار ڪيو جيئن ته

حضرتِ سَيدُنا عبدُ اللّٰه بن الحارث کان روايت آهي ته حضرت عبدُ اللّٰه بن عباس ۽ حضرت ڪعبُ الاَحبار رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهما هڪ مجلس ۾ گڏ ٿيا ته حضرت عبدُ اللّٰه بن عباس رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْه جن فرمايو ڪوئي مون کي ڪجھ به چوندو رهي پر اسان بني هاشم جا ماڻهو اهو چئون ٿا ته بيشڪ حضرت محمد صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ کي معراج ۾ به (2) ڀيرا ڏٺو. اهو ٻڌي حضرت ڪعبُ الاَحبار رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْه ايتري زور سان نعرو هنيو جو جبل گُونجي پيا ۽ فرمايائون ته بيشڪ حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام خدا سان ڪلام ڪيو ۽ حضرت محمد صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خدا کي ڏٺو. (سيرتِ مصطفےٰ،ص۷۳۰) (رسولِ پاڪ، سياحِ اَفلاڪ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عرش کان مٿي تشريف کڻي وڃڻ ۽ بي حجاب ربّ عَزَّ وَجَلَّ جو ديدار ڪرڻ جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويه جلد30، صفحي 637 تي رِسالي (مُنَبِّهُ الْمُنْيَة بِوُصُوْلِ الْحَبِيبِ اِلَى الْعَرْشِ وَالرُّؤْيَة) جو مُطَالعو ڪريو.)

www.dawateislami.net

یہ شاہ نے پائی سعادت ہے خالق نے عطا کی زیارت ہے جب ایک تجلی پڑتی ہے موسیٰ تو غش کھا جاتے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| الله جي عنايت | مرحبا | معراج جي عظمت | مرحبا | اَقصيٰ جي شوڪت | مرحبا |
| بُراق جي قسمت | مرحبا | بُراق جي سُرعَت | مرحبا | نبين جي اِمامت | مرحبا |
| آقا جي رِفعت | مرحبا | آسمان جي سِياحت | مرحبا | مڪينِ لامڪان جي عظمت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مومن جي معراج

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عظمت جو هڪ پهلو هي به آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جتي ان رات پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي معراج عطا فرمائي، اتي پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي اوهان جي اُمت جي لاءِ به معراج جو سامان ڪيو ۽ نماز جهڙي عظيم عبادت جو عظيم تحفو لامڪان تي سڏائي عطا فرمايو جيڪو مسلمانن جي لاءِ معراج آهي جيئن ته

مُفسّرِ قرآن حضرت علامه اسماعيل حَقّي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا ته بيشڪ نماز مومن جي معراج آهي. (روح البيان،پ ١٣،ابراهيم،تحت الاية:۴۰،۴/۴۲۹) تنهنڪري اسان کي گهرجي ته هن عظيم رباني تحفي جو قدر ڪندي نمازن جي هميشه پابندي ڪيون، ان ۾ دُنيا ۽ آخرت جي بي شُمار ڀلائين سان گڏوگڏ هڪ نهايت زبردست فائدو هي به آهي ته پنج (5) نمازن مان هر نماز جو ثواب الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي فضل و ڪرم سان ڏهه (10) ڀيرا وڌيڪ عطا فرمائيندو، لهٰذا اڄ ئي

ڪان نمازن جي پابندي جي پڪي نيت ڪري ونو جو نيڪ ڪم جي صرف سچي نيت ڪرڻ تي ئي هڪ نيڪي لکي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن بعد ۾ پنهنجي سٺي نيت تي عمل ڪندي اهو نيڪ ڪم ڪيو وڃي ته ڏهه (10) نيڪيون لکيون وينديون آهن، اچو! مِعرَاج واري رات نمازن جي فرض ٿيڻ جي باري ۾، نمازن جي فضيلت ۽ سٺي نيت جي برڪت جي باري ۾ ٻڌون ٿا.

## نمازجي فرضيت ۽ نيت جي اهميت

حُضُورِ اَڪرَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو **جو** (مِعرَاج واري رات) الله عَزَّوَجَلَّ مون تي هڪ ڏينهن ۽ رات ۾ پنجاهه (50) نمازون فرض ڪيون، جڏهن آئون حضرت مُوسٰي عَلَيه السَّلَام جي ويجهو پهتس ته انهن چيو: اوهان جي ربّ عزوجل اوهان جي امّت تي ڇا فرض فرمايو آهي؟ مون چيو هر ڏينهن رات ۾ 50 نمازون فرض فرمايون آهن، حضرت مُوسٰي عَلَيه السَّلَام چيو: اوهان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ ڏانهن وڃو تخفيف (گهٽ) جو سُوال ڪريو، ڇو جو توهان جي اُمّت پنجاهه نمازون نه پڙهي سگهندي، آئون بني اِسرَائيل کي آزمائي چڪو آهيان، (اُنهن تي ڏينهن رات ۾ صرف ٻه (2)نمازون فرض هيون جنهن کي اهي ادا نه ڪري سگهيا ته اوهان جي اُمت پنجاهه (50) نمازون ڪيئن ادا ڪندي.اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي ،شبِ اَسري جا گهوٽ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا ته) مان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ ڏانهن واپس موٽي ويس ۽ عرض ڪيو: اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! منهنجي اُمّت تي ڪجهه تخفيف فرماء، الله عَزَّوَجَلَّ پنج نمازون گهٽ ڪيون، آئون موسٰي عَلَيه السَّلَام وٽ پهتس ۽ چيو ته الله عَزَّوَجَلَّ پنج نمازون گهٽ ڪري ڇڏيون آهن، حضرت

مُوسيٰ عَلَيه السَّلَام جن چيو توهان جي اُمّت ايترين نمازون به نه پڙهي سگهندي، وڃو ۽ وڃي ڪري اچا ڪمي جو سُوال ڪريو، رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: حضرت مُوسيٰ عَلَيه السَّلَام کان الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ اچڻ وڃڻ جو سلسلو جاري رهيو (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه کان هر ڀيري نمازن ۾ ڪجهه تخفيف ٿي ويندي هئي پر ان جي باوجود حضرت مُوسيٰ عَلَيه السَّلَام مزيد ڪمي ڪرائڻ جي لاءِ مونکي ڀيهر الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ موڪليندا رهيا) ايستائين جو (جڏهن صرف پنج نمازون رهجي ويون) الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: اي محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڏينهن ۽ رات ۾ هي پنج نمازون آهن ۽ ان ۾ هر نماز جو 10 ڀيرا ثواب ملندو، تنهنڪري (ثواب جي اعتبار سان) هي 50 نمازون ٿي ونديون. ۽ (وڌيڪ فضل۽ ڪرم هي آهي ته) جيڪو شخص نيڪ ڪم جي نيّت ڪري پوءِ اهو نيڪ ڪم نه ڪري سگهي ته ان جي لاءِ (صِرف چڱي نيّت جي ڪري) هڪ نيڪي لکي ويندي ۽ جيڪڏهن اهو ان نيڪي کي ڪري ڇڏي ته ڏهه (10) نيڪيون لکيون ونديون.

(مسلم ،کتاب الایمان ، باب الاسراء ...الخ ،ص۸۷،حدیث:۴۱۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به کپي ته هر نيڪ ۽ جائز ڪم کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ته جيئن ان ڪم کي ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي اجر ۽ ثواب جو انبار گڏ ٿيڻ شروع ٿي وڃي، الله عَزَّ وَجَلَّ جو ڪروڙين ڪروڙ احسان آهي جو ان اسان کي دعوتِ اسلامي جهڙو پيارو پيارو مدني ماحول ۽ شيخ طريقت،امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جهڙي عظيم هستي عطا فرمائي، جنهن نه صرف پنهنجي مريدن ۽ عقيدت مندن جي لاءِ بلڪ تمام مسلمانن جي خير خواهي جي لاءِ سٺين سٺين نيتن جي باري ۾ انتهائي انوکو ۽ منفرد رسالو ”ثواب وڌائڻ جا نُسخا“ تحرير فرمايو آهي ،جنهن جي مدد سان اسان

مختلف قسم جي نيڪ ۽ جائز ڪمن کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري تمام گهڻو اجر ۽ ثواب حاصل ڪري سگهون ٿا.

اچو نيت ڪيون ٿا ته اج کان پوءِ منهنجي ڪا نماز قضا نه ٿيندي...نمازن جي پابندي جو خُوب خيال رکندس...رمضان جي فرض روزن جو پابندي سان اهتمام ڪندس ...نه غيبت ڪندس نه غيبت ٻڌندس، 12 مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شامل ٿيندس...مسجد ڀريو تحريڪ ۾ پنهنجو حصہ شامل ڪرڻ جي لاءِ فجر ۾ صداءِ مدينہ به لڳائيندس. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

اچھی اچھی نیّتوں کا، ہو خُدا جذبہ عطا بندۂ مُخْلِص بنا، کر عَفْو میری ہر خَطا

**"صداءِ مدينہ"**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جو هڪ ٻئي کي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جو ذهن ڏيڻ، انهن جي دلين ۾ نماز جي اهميت بيدار ڪرڻ، جهنّم ۾ وٺي وڃڻ واري عملن کان بچڻ ۽ جنّت ۾ وٺي ويندڙ عملن جي ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو 12مدني ڪمن ۾ عملي طور تي حصو وٺڻ به آهي، 12مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "صداءِ مدينہ" به آهي.دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ نمازِ فجر جي لاءِ مسلمانن کي جڳائڻ **"صداءِ مدينہ لگانا"** چيو ويندو آهي ۽ مسلمانن کي نمازن جو پابند بنائڻ ۽ خاص ڪري نمازِ فجر ادا ڪرڻ جو عادي بنائڻ ۾ **صداءِ مدينہ** جو نهايت اَهم ڪردار آهي، تنهنڪري اسان کي صداءِ مدينہ لڳائڻ جي سعادت ضرور حاصل ڪرڻ گهرجي. نمازِ فجر جي لاءِ مسلمانن کي جڳائڻ اسان جي پياري،آقا مکي مدني مُصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مُبارڪ عمل سان به ثابت آهي.

هڪ انصاري صحابي حضرتِ سيدُنا ابو بَڪره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا:

هڪ پيري مان سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ فجر نماز جي لاءِ نڪتس تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنهن سُتل شخص وٽان گذرندا هئا ان کي نماز جي لاءِ آواز ڏيندا يا پنهنجي قدم مُبارڪ سان ان کي هلائيندا هئا. (ابو داؤد،کتاب التطوع،باب الاضطجاع بعدها، ۳۳/۲،حديث:۱۲۶۴) تنهنڪري ڪوشش ڪري روزانو فجر جي اذان کان بعد صداءِ مدينہ لڳائڻ جو معمول بڻائي ونو. اچو ترغيب جي لاءِ صداءِ مدينہ لڳائڻ جي برڪتن سان مالامال هڪ ايمان افروز مدني بهار ٻڌون ٿا.

## صداءِ مدينہ ڏيکاري مدينہ

نينگ موڙ (قصور، پنجاب پاڪستان) جي علائقي اِلٰہ آباد جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ تہ هئس پر مدني ڪمن جي سلسلي ۾ سُستي جو شڪار هئس. حُسنِ اتفاق سان محرم الحرام 1431 ھ بمطابق جنوري 2010 ء جو دعوتِ اسلامي جي ڊويزن مشاورت جي ذمہ دار اسلامي ڀاءُ سان ملاقات جو شرف مليو، جڏهن انهن کي منهنجي مدني ڪمن ۾ دلچسپي نہ وٺڻ جي خبر پئي تہ انفرادي ڪوشش ڪندي نہ صرف مدني ڪم ڪرڻ جو ذهن ڏنو بلڪ صداءِ مدينہ جي پابندي ڪرڻ جي ترغيب بہ ڏيارائي ۽ هن باري ۾ انهن مون کي شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو فرمان ”**صداءِ مدينہ ڏيکاري مدينہ**“ بہ ٻڌايو.اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ منهنجو ذهن ٺهجي ويو ۽ مديني شريف جي حاضري جي اُميد تي اڳئين ئي ڏينهن کان مون ان تي عمل شروع ڪري ڇڏيو. صداءِ مدينہ جا لڳائڻ شروع ڪئي مون تي تہ الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪرم ٿي ويو. منهنجا تہ جڻ ڀاڳ کلي ويا،

www.dawateislami.net

قسمت جو تارو ائين چمڪيو جو انهيءَ سال مون کي بارگاھ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حاضري جو شرف حاصل ٿي ويو. ڪرم ۽ وڌيڪ ڪرم هي تہ صداءِ مدينہ جي برڪت سان منهنجي وڏي ڀاءُ کي بہ حج جي سعادت نصيب ٿي وئي.

"صدائے مدینہ" دُوں روزانہ صدقہ ابو بکر و فاروق کا یا اِلٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو سفرِ معراج ۾ حضورِ اڪرم،نورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مزيد عظمت ٻڌون تا جيئن معراج شريف ۾ عظمتِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هڪ پهلو هي بہ آهي اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ مِعرَاج واري رات پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي پنهنجي مُقَرَّب ملائڪن جي مُدّتن پراڻي اُلجهنن ۽ مشڪلن کي دُور فرمائي ڇڏيو. جيئن

منقول آهي تہ وڏي درجي وارا ملائڪ چار هزار (4000)سالن کان چار (4) مسئلن ۾ غور ويچار ڪري رهيا هئا پر ان جي باوجود اهي مسئلا انهن وڏن ملائڪن کان حل ٿي نہ سگهيا، جڏهن حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دُنيا ۾ تشريف فرما ٿيا تہ انهن ملائڪن کي يقين ٿي ويو تہ اهي مشڪل مسئلا اوهان ئي کان حل ٿي سگهندا. تنهنڪري انهن سيني ملائڪن پنهنجي مشڪل حل ڪرائڻ جي لاءِ انتهائي عاجزي ۽ انڪساري سان اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاھ ۾ درخواست ڪئي تہ پوءِ اللّٰهعَزَّ وَجَلَّ پنهنجي حبيب صَلَّی اللهُ

تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پاڻ ڏانهن سڏايو ۽ پنهنجي قُرب ۽ همڪلامي جي نعمت عطا فرمائي، پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي، شبِ اَسري جي گهوٽ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ مون پنهنجي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ کي نهايت ئي حسين صورت ۾ ڏٺو، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ فرمايو: اي محبوب! اهي ڪهڙا مسئلا آهن جنهن ۾ وڏي مرتبي وارا ملائڪ اُلجهيل آهن؟ مون عرض ڪيو اي منهنجا رَبّ عَزَّ وَجَلَّ! تون خُوب ڄاڻين ٿو تہ اهي ڪهڙا مسئلا آهن، اللّٰهعَزَّوَجَلَّ پنهنجو بي مثل دستِ قدرت منهنجي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ رکيو تہ ان جي ٿڌاڻ جو اثر مون پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪيو. ان کان پوءِ ( اللّٰهعَزَّوَجَلَّ ٻيهر) فرمايو: اي محبوب اهي ڪهڙا مسئلا آهن جنهن ۾ وڏي مرتبي وارا ملائڪ غور و فڪر ڪري رهيا آهن (۽ اُنهن کي حل نہ پيا ڪري سگهن)؟ مون عرض ڪيو: ملائڪ چار شين جي باري ۾ غور و فڪر ڪري رهيا آهن: (1) **ڪفّارات** (2) **مُنجِيات** (3) **دَرَجات** ۽ (4) **مُهلِڪات**. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمايو: اي منهنجا محبوب توهان سچ چيو، پوءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ملائڪن کي فرمايو: اي منهنجا ملائڪو! توهان کي پنهنجي مشڪل حل ڪرائڻ جو موقعو مليو ويو تنهنڪري پنهنجو سوال بيان ڪريو. پوءِ حضرت عزرائيل عَلَيه السَّلَام عرض ڪيو: **ڪفَّارَات** ڇا آهن؟ (يعني اهي ڪهڙا افعال آهن جنهن جي سبب اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻانهن جي گُناهن کي مٽائيندو آهي) حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: اهي ٽي ڪم آهن. هڪ هي تہ سخت سردي ۾ وضو کي پورو ڪرڻ (يعني تمام وضو وارن عضوئن تي پوري طور تي پاڻي پهچائڻ تہ جيئن وضو ڪامل ٿي وڃي) ٻيو هي تہ نماز کي باجماعت ادا ڪرڻ جي نيت سان پيدل هلي وڃڻ، ٽيون هي تہ هڪ نماز جي ادائيگي کان پوءِ ٻي نماز جو انتظار ڪرڻ (اهي ٽئي عمل گُناهن کي مٽائڻ جا ذريعا

آهن) پوءِ حضرت ميڪائيل عَلَيه السَّلَام عرض ڪيو: **دَرَجات** ڇا آهن؟ (يعني اهي ڪهڙا ڪم آهن جنهن سان انسان جا درجا بلند ٿين) حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اللهعَزَّوَجَلَّ جي خوشنودي جي لاءِ بڪايلن کي ڪاڏو ڪارائڻ، سلام کي ماڻهن ۾ عام ڪرڻ ۽ رات جي وقت نفل نماز پڙهڻ جڏهن ماڻهو ستل هجن. (اهي ٿئي عمل بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ دَرَجات جي بلندي جو سبب آهن) پوءِ حضرت جبرئيل عَلَيه السَّلَام عرض ڪيو: **مُنجِيات** ڇا آهن؟ (يعني اهي ڪهڙا ڪم آهن جنهن تي عمل ڪرڻ سان عذاب مان نجات ملندي آهي) حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ظاهري ۽ پوشيده حالات ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ، تنگدستي ۽ خُوشحالي هر حال ۾ ميانہ روي اختيار ڪرڻ ۽ غُصّي ۽ نرمي ٻنهي حالتن ۾ عدل ۽ انصاف ڪرڻ. (اهي ٿئي ڪم نجات جو سبب آهن) پوءِ حضرت عزرائيل عَلَيه السَّلَام عرض ڪيو: **مُهلِڪات** ڇا آهن؟ (يعني اهي ڪهڙا ڪم آهن جنهن کي ڪرڻ سان انسان هلاڪت ۾ پئجي ويندو آهي) حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: هڪ هي تہ بُخل جي اطاعت ڪئي وڃي. (يعني بخل جيڪو حڪم ڏي ان تي عمل ڪندي ڪنجوسي سان ڪم ورتو وڃي) ٻيو هي تہ خواهشِ نفس جي پيروي ڪئي وڃي. ٽيون هي تہ انسان پنهنجي پاڻ کي ٻين کان بهتر گمان ڪري. (اهي ٿئي ڪم هلاڪت جو سبب آهن) پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: منهنجي حبيب سچ چيو. (بريقة محمودية شرح طريقة محمدية،۲/۲۹۶ملخصاً)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي پياري آقا، مڪي

www.dawateislami.net

مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪھڙين ڪھڙين خُصوصي عظمتن سان نوازيو، اسان کي کپي تہ اسان هر دم نہ صرف حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عظمتن جا گيت ڳائيندا رهون بلڪ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان پنهنجي سچي محبت جي اظهار جي لاءِ سُنّتن تي خُوب خُوب عمل، گناهن کان نفرت ۽ نيڪ عملن جي ڪثرت ڪندي پنهنجي باقي زندگي گذاريون. ياد رهي! مِعرَاج واري رات پياري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنت ۾ جتي مطيع ۽ فرمانبردار ٻانهن تي ٿيڻ وارن انعاماتِ الٰهيہ جو مُشَاهدو فرمايو، اتي جهنم ۾ نافرمانن کي قهرِ الٰهي ۾ گِرفتار بہ ڏٺو، جيڪي پنهنجي گناهن جي سبب انتهائي دردناڪ عذابات ۾ مبتلا هئا، اچو! عبرت جي لاءِ انهن مان ڪجھ عذابن جي باري ۾ ٻڌون ٿا،

## پنهنجوئي گوشت کائڻ وارا ماڻھو

مِعرَاج واري رات، سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گُذر ڪجھ اهڙن ماڻھن وٽان ٿيو جن تي ڪجھ ماڻھو مقرّر هئا، انهن مان ڪجھ ماڻھو انهن ماڻھن جون ڄاڙيون ڪولي رکيون هيون ۽ ڪجھ ٻيا ماڻھو انهن جا گوشت ڪٽيندا ۽ رت سان گڏ انهن جي منهن ۾ ڏکي ڇڏيو. پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو تہ اي جبريل! هي ڪير ماڻھو آهن؟ عرض ڪيو: هي ماڻھن جون غيبتون ۽ انهن جون عيب جويون ڪرڻ وارا آهن. (مسند الحارث، کتاب الایمان، باب ما جاء فی الاسراء، ۱۷۲/۱، الحديث:۲۷)

## پيٽن ۾ نانگ

سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: مِعرَاج واري رات آئون ڪجھ ماڻھن وٽ آيس جنهن جا پيٽ مڪانن جيان (وڏا

وڏا) هئا ۽ انهن جي اندر نانگ ٻاهر کان نظر اچي رهيا هئا. مون پڇيو: اي جبرائيل! اهي ڪير ماڻهو آهن؟ چيائين: اهي وياج خور آهن. (سنن ابن ماجة، كتاب التجارات، باب التغليظ فى الربا، ص٣٦٣، الحديث:٢٢٧٣)

## مٿو چيپاٽجڻ جو عذاب

مِعرَاج واري رات پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهڙن ماڻهن وٽ آيا جنهن جا مٿن کي پٿرن کي چيپاٽيو پئي ويو، هر ڀيري چيپاٽجڻ کان پوءِ اهي پهريان وانگر درست ٿي ويندا هئا ۽ (ٻيهر چيپاٽيا ويندا )، هن مُعَامَلي ۾ انهن سان ڪا سُستي نہ ڪئي ويندي هئي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرتِ جبرائيلعَلَيۡه السَّلَام کان پڇا فرمائي: اي جبرائيل! اهي ڪير ماڻهو آهن؟ عرض ڪيو: هي اهي ماڻهو آهن جنهن جا مٿا نماز سان وزني ٿي ويندا هئا. (مجمع الزوائد،كتاب الايمان،باب منه في الاسراء، ١/٩٢، الحديث:٢٣٥)

## باھ جي شاخن سان لٽڪيل ماڻهو

معراج جي رات نبيّن جا سردار، رسولن جا سالار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دوزخ ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ ڏٺا جيڪي باھ جي شاخن سان لٽڪيل هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دريافت فرمايو: اي جبريل! هي ڪير ماڻهو آهن؟ عرض ڪيو: هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي دنيا ۾ پنهنجي والدين کي گاريون ڏيندا هئا. (الزواجر، كتاب النفقات على الزوجات...الخ، الكبيرة الثانية بعد الثلاثمائة، ٢/١٢٥)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ اسان جي پياري آقا، معراج واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جهنم ۾ جن ماڻهن کي عذاب ۾ ڏٺو انهن ۾ غيبت ڪرڻ وارا ، وياج کائڻ وارا، بي نمازي ۽ والدين کي گاريون ڏيڻ وارا بہ شامل هئا. اسان کي بہ کپي تہ اڄ سچي دل سان گناهن کان توبہ ڪري پنهنجي باقي زندگي نيڪين ۾ گذارڻ جي نيت ڪريون.

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اعتڪاف جي ترغيب:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گُناهن کان بچڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿيڻ، هر مهيني ٽن 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر، مدني انعامات تي عمل ۽ دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي رمضان يا آخري عشري جي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪرڻ به آهي. عاشقانِ رمضان جي لاءِ خوشخبري ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ رَمَضانُ المُبارَڪ جي آمد آمد آهي ۽ هن مُبارَڪ مهيني جي برڪتن جي ڇا ڳالهه ڪجي! هن مهيني ۾ عبادت ۽ تلاوت ۽ ذِڪر ودُرُود جي ڪثرت ڪري پنهنجي اعمال نامي ۾ گهڻيون نيڪيون لکائڻ جا موقعا وڌي ويندا آهن. اسان کي به گهرجي ته گُناهن کان پاڻ کي بچائڻ ۽ ڏينهن رات نيڪين ۾ گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي تحت سڄي رمضان جي مهيني جي اِعتڪاف ۾ شرڪت جي نه صرف پاڻ نِيت ڪيون بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن تي به اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي به تيار ڪيون. فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: مَنِ اعْتَكَفَ اِيمانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَلَه مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن شخص ايمان سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتِڪاف ڪيو، ان جا اڳوڻا سمورا گُناهه بخشيا ويندا." (جامع صغير ص۵۱۶الحديث ۸۴۸۰)

یا خدا ماہِ رمضاں کے صدقے　　سچّی توبہ کی توفیق دیدے
نیک بن جاؤں جی چاہتا ہے　　یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص136)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿي سگهي ته هر سال نه ته زِندگي ۾ گهٽ مان گهٽ

www.dawateislami.net

هڪ پيرو تہ سڄي رَمَضانُ المبارَڪ جو اِعتڪاف ڪرڻ ئي گهرجي.اسان جا پيارا آقا، مٺا مٺا مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خصُوصاً رَمَضان شريف ۾ عبادت جو خُوب اهتِمام ڪندا هئا. جيئن تہ رَمَضان جي مهيني ۾ ئي شبِ قدر کي بہ پوشيده رکيو ويو آهي، ان ڪري ان مُبارَڪ رات کي ڳولهڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ پيرو سڄي مبارَڪ مهيني جو اعتِڪاف ڪيو. ۽ ائين بہ مسجِد ۾ رهڻ نهايت وڏي سَعادَت آهي ۽ مُعتَڪف جي تہ چا ڳالهہ آهي جو رِضاءِ الٰهي عَزَّ وَجَلَّ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي سيني مصروفيتن کان فارِغ ڪري مسجِد ۾ ويهي رهندو آهي. فتاويٰ عالمگيري ۾ آهي: "اعتِڪاف جون خوبيون بلڪل ئي ظاهر آهن، چوتہ هن ۾ ٻانهو الله عَزَّ وَجَلَّ جي رِضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪمّل طور تي پنهنجي پاڻ کي الله عَزَّ وَجَلَّ جي عبادت ۾ مصروف ڪندو آهي ۽ دُنيا جي ان تمام مصروفيتن کان جدا ٿي ويندو آهي جيڪي اللهعَزَّ وَجَلَّ جي قُرب جي راهہ ۾ حائل ٿينديون آهن ۽ مُعتَڪف جو سمورو وقت حَقيقةً يا حُڪماً نَماز ۾ گذرندو آهي. (چوتہ نَماز جو انتِظار ڪرڻ بہ نماز جيان ثواب رکي ٿو) ۽ اعتِڪاف جو اَصل مقصد جماعت سان نَماز جو انتِظار ڪرڻ آهي ۽ مُعتَڪف ان (ملائڪن) کان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي اللهعَزَّ وَجَلَّ جي حڪم جي نافرماني نہ ڪندا آهن ۽ جيڪو انهن کي حُڪم ملندو آهي ان کي ادا ڪندا آهن ۽ انهن سان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي ڏينهن رات الله عَزَّ وَجَلَّ جي تسبيح (پاڪي) بيان ڪندا رَهندا آهن ۽ ان کان بيزار ناهن ٿيندا۔ (فتاوي عالمگيري ج١ ص٢١٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اِعتڪاف دَوران نيڪيون ڪرڻ جا ڪيتري قدر مَوقعا ملندا آهن اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت

www.dawateislami.net

رَمَضانُ المُبارَڪ ۾ اعتڪاف جي نظام کي مُنَظَّم ڪرڻ جي لاءِ ڪيئي مجالس ۽ ذمہ دار مقرر ڪيا ويندا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مجلس اعتڪاف جي تحت نہ صرف پاڪستان بلڪ دُنيا جي مختلف ملڪن جي سوين مسجدن ۾ سڄي رَمَضانُ المبارَڪ ۽ آخِري عَشري ۾ اِجتِمَاعي اِعتِڪاف جو اهتمام ڪيو ويندو آهي . ان ۾ هزارين اسلامي ڀائر مُعتَڪف ٿي پنج وقتہ نماز باجماعت اَدا ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻي نفلي عبادات جي سعادت بہ حاصل ڪندا آهن، هن ڪان علاوه اعتڪاف ۾ وُضو، غسل ،نماز، روزي جا ۽ ٻيا شرعي مسئلا بہ سکاريا ويندا آهن ۽ روزانو ظهر ۽ تراويح ڪان پوءِ 2 مدني مُذاڪرن جي ذريعي شيخِ طريقت، اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه سان ڪيل سُوالن جا دِلچسپ ۽ علم وحڪمت سا پرپُور جوابن سان معلومات جو وڏو خزانو بہ هٿ ايندو آهي . ۽ ڪيئي مُعتَڪف رَمَضانُ المبارَڪ ختم ٿيڻ تي چندِ رات جو ئي عاشقانِ رسول سان گڏ سُنّتن جي تربيت جي مَدَني قافلن جا مُسافِر بڻجي ويندا آهن. ڪيئي خوش نصيب عاشقانِ رمضان مختلف مدني ڪورسز مثال طور "**اِصلاحِ اعمال ڪورس، 12مدني ڪم ڪورس، فيضانِ نماز ڪورس، اِمامت ڪورس، مُدرس ڪورس**" وغيره ڪرڻ جي بہ سعادت حاصل ڪندا آهن.

رحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
سُنَّتیں سیکھنے کے لیے آؤ تم مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
فضلِ ربّ سے گناہوں کی کالک دُھلے مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
نیکیوں کا تمھیں خوب جذبہ ملے مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
بھائی گر چاہتے ہو ''نمازیں پڑھوں'' مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
نیکیوں میں تمنّا ہے ''آگے بڑھوں'' مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

تم کو راحت کی نعمت اگر چاہئے مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

## مدني عطيات جي ترغيب

دعوتِ اسلامي تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ آهي، جنهن جو مدني پيغام هينئر تائين ڪم و بيش 200 ملڪن ۾ پهچي چڪو آهي ,اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي خدمتِ دِين جي تقريباً 102شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، صرف جامعة المدينه (للبنين و للبنات)، مدرسة المدينه (للبنين و للبنات)، مدرسة المدينه آن لائن (للبنين و للبنات) ۽ مدني چينل جا سالانہ اخراجات ڪروڙين نہ اربين روپين ۾ آهن، **جامعة المدينہ** جي ذريعي هينئر تائين هزارين عالم سگهورا تيار ٿيا ۽ پنهنجي خدمتن کي مختلف شعبن ۾ پيش ڪري دِينِ اسلام جي سربُلندي ۾ پنهنجو حصو شامل ڪري رهيا آهن، اهڙي طرح **"مدرسة المدينہ"** مان **تقريباً** 69100 (اُٺهتّر هزار هڪ سو)مدني مُنّن ۽ مدني مُنّين **حفظِ قرآن** ۽ **تقريباً** 195242(هڪ لک پنجانوي هزار ٻہ سو ٻائيتاليهه) **ناظره قرآن** پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هر سال رمضان جي مهيني ۾ نمازِ تراويح ۾ هزارين حافظ قرآنِ ڪريم ٻڌڻ/ ٻڌائڻ جي سعادت حاصل ڪن ٿا. گذريل سال ٻہ هنن ٻنهي شعبن جا هزارين حافظ سگهورا ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ نمازِ تراويح ۾ قرآنِ ڪريم ٻڌڻ/ ٻڌائڻ جي سعادت حاصل ڪئي هئي.

دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ زڪوٰة، صدقات،مدني عطيات ڏيڻ سان گڏوگڏ پنهنجي رِشتيدارن، پاڙيسرين، دوستن تي اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي ٻہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل ٻڌائي مدني عطيات گڏ ڪيو. اچو اسان ٻہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ صدقي جي فضيلتن بابت ڪجهه احاديث مبارڪ ٻڌون ٿا.

1. صَدقو بُرائي جا 70 دروازا بند ڪري ٿو. (المعجم الكبير ، ۴/۲۷۴، حديث:۴۴۰۲)
2. هر شخص (بروزِ قِيامَت) پنهنجي صَدقي جي ڇانو ۾ هوندو ايستائين جو

ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو فرمايو وڃي. (المعجم الكبير ، ١٧/ ٢٨٠، حديث: ٧٧١)

3. بيشڪ صَدقي ڪرڻ وارن کي صَدقو قبر جي گرمي سان بچائي ٿو ۽ بلاشبہ مسلمان قيامت جي ڏينهن پنهنجي صَدقي جي ڇانو ۾ هوندو. (شُعَبُ الايمان، باب الزكاة، التحريض على صدقة التطوع،٣/٢١٢، حديث:٣٣٤٧)

4. بيشڪ صَدقو ربّ جي غضب کي ٺَڌو ڪري ٿو ۽ بُري موت کي دفع ڪري ٿو. (ترمذى، كتاب الزكاة، باب ما جاء فى فضل الصدقة، ٢/ ١٤۶، حديث:۶۶۴)

5. صبح سويري صَدقو ڏيوو جو بلا صَدقي کان اڳتي قدم نٿي کڻي. (شُعَبُ الايمان، باب فى الزكاة،التحريض على صدقة التطوع،٣/٢١۴، حديث:٣٣٥٣)

6. بيشڪ مسلمان جو صَدقو عمر وڌائي ٿو ۽ بُري موت کي روڪي ٿو ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ ان جي برڪت سان صَدقو ڏيڻ وارن کان تَڪبُّر وتَفَاخُر (وڏائي ۽ فخر ڪرڻ جي بُري عادت) پري ڪندو آهي. (المعجم الكبير ،١٧/٢٢، حديث:٣١)

7. جيڪو الله عَزَّ وَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ صَدقو ڪري ته اهو (صَدقو) ان جي ۽ باھ جي وچ ۾ پردو بڻجي ويندو آهي. (مجمع الزوائد،كتاب الزكاة، باب فضل الصدقة،٣/ ٢٨۶، حديث: ۴۶١٧)

8. نماز (ايمان جو) دليل آهي ۽ روزو (گناهن کان) ڍال آهي ۽ صَدقو خطائن کي ائين مٽائي ٿو جيئن پاڻي باھ کي. (ترمذى، ابواب السفر، باب ما ذُكِر فى فضل الصلاة، ٢/ ١١٨، حديث:)

امام اهلسنّت مولانا شاھ احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فتاويٰ رضويہ جلد 23، صفحي 152 صدقات جي فضيلتن بابت احاديث ذڪر فرمائي انهن فضائل جو 25 مدني گلن ۾ اهڙي طرح احاطو فرمائن ٿا: انهن حديثن مان ثابت ٿيو ته جيڪي مسلمان ان نيڪ عمل ۾ نيڪ نيت، پاڪ مال سان شريڪ ٿيندا، انهن

کي ڪرم الٰهي ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بخشش سان 25 فائدا ملڻ جي اميد آهي.

﴿۱﴾ الله تعالي جي حڪم سان بري موت کان بچندا ستر دروازا بري موت جا بند ٿيندا ﴿۲﴾ عمر ۾ اضافو ٿيندو ﴿۳﴾ انهن جي ڳُٽپ وڌندي. ﴿۴﴾ رزق جي ڪشادگي ۽ مال ۾ ڪثرت ٿيندي. ﴿۵﴾ خير ۽ برڪت حاصل ڪندا، اهي بئي فائدا ذڪر دور ڪرڻ جي متعلق آهن. ﴿٦﴾ آفتون ۽ بلائون دور ٿينديون، بري قضا ٽرندي، ستر دروزا برائي جا بند ٿيندا، ستر قسمن جون بلائون دور ٿينديون ﴿۷﴾ انهن جا شهر آباد ٿيندا ﴿۸﴾ بدحالي دور ٿيندي ﴿۹﴾ خوفِ انديشہ ختم ٿيندو ۽ دلي اطمينان حاصل ٿيندو ﴿۱۰﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد شامل حال ٿيندي ﴿۱۱﴾ رحمتِ الٰهي انهن لاءِ واجب ٿيندي ﴿۱۲﴾ ملائڪ انهن تي درود موڪليندا ﴿۱۳﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جا ڪم ڪندا ﴿۱۴﴾ الله تعالي جو غضب انهن کان پري ٿيندو ﴿۱۵﴾ انهن جا گناھ بخشيا ويندا، انهن جي لاءِ مغفرت واجب ٿي ويندي؛ انهن جي گناهن جي باھ وسامي ويندي. اهي ڏھ فائدا ذڪر، وبا ۽ هر قسم جي بيمارين، مصيبتن ۽ حاجتن جي پورائي، برڪتن ۽ سعادتن جي لاءِ مفيد آهن. ﴿١٦﴾ دين وارن جي خدمت ۾ صدقي کان وڌيڪ ثواب حاصل ڪندا ﴿۱۷﴾ غلام آزاد ڪرڻ کان وڌيڪ ثواب حاصل ڪندا ﴿۱۸﴾ انهن جا بگڙيل ڪم سنورجي ويندا ﴿۱۹﴾ پاڻ ۾ محبتون وڌنديون، جيڪي هر ڀلائي ۽ خوبي جو مُتّبع (يعني پيروي ڪنديون يا ان جي پويان ايندي‌ون) آهن ﴿۲۰﴾ ٿوري خرچ ۾ گهٽڻ جو پيٽ ڀربو جو اڪيلا ڪائن ها تہ بيٺو خرچ ٿئي ها. ﴿۲۱﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ درجا بلند ٿيندا ﴿۲۲﴾ موليٰ

www.dawateislami.net

تبارڪ وتعالٰي ملائڪن جي سامهون انهن تي فخر فرمائيندو ﴿۲۳﴾ قيامت جي ڏينهن دوزخ کان امن ۾ رهندا ﴿۲۴﴾ آخرت ۾ احسان الٰهي مان فائدو حاصل ڪرڻ وارا هوندا جيڪو مقصدن جي پورائي ۽ مرادن جو حاصل ٿيڻ آهي ﴿۲۵﴾ خداعَزَّوَجَلَّ چاهيو ته ان مبارڪ گروه (ٽولي) مان ٿيندا جيڪو حضور پرنور سيد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعل اقدس جي صدقي سڀ کان پهرين جنت ۾ داخل ٿيندا.

**لنگرِرضويہ ۾ حصوو وٺو:**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ هر سال هزارين عاشقانِ رسول سڄي رمضان ۽ آخري عشري جي اِعتڪاف جي سعادت حاصل ڪندا آهن، ان عاشقانِ رسول جي لاءِ "لنگرِ رضويہ" (سحري ۽ افطاري) جو نهايت وڏو اِنتظام ڪيو ويندو آهي ته جيئن اهي عاشقانِ رسول دِلجمعي سان علمِ دين جي مدني حلقن ۽ مدني مذاڪرن ۾ ڀرپور توجه سان شرڪت ڪري سگهن. لنگرِ رَضَويہ جي مد ۾ ڪروڙين روپين جا اخراجات ٿيندا آهن جيڪي معتڪفين کان نہ ورتا ويندا آهن بلڪ مخير اسلامي ڀائر هن نيڪي جي عظيم ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪندا آهن، هن سال بہ اِنْ شَــآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ملڪ وبيرونِ ملڪ سوين هنڌن تي سڄي مهيني ۽ آخري عشري جو اعتڪاف ٿيندو، جنهن ۾ هزارين عاشقانِ رمضان، رمضان جي مبارڪ ساعتن جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا. تمام عاشقانِ رسول رضاءِ اِلٰهي ۽ ڀين سنين سنين نيتن سان "لنگرِ رضويہ" جي مد ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ جي نيت فرمائي وٺو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ ستاويهين (27 ويهين) رات آهي ۽ سڀاڻي ستاويهن جو ڏينهن ٿيندو، ان ڏينهن يعني 27 رجب جي روزي جي وڏي فضليت آهي :"جيڪو خوش نصيب27 رجب جو روزو رکندو آهي ،اُن کي 60 مهينن جي روزن جو ثواب ملندو آهي". (ڪفن جي واپسي،ص8)

## سوسال جي روزن جوثواب

ستاويهين رَجَب شريف جي روزي جي وڏي فضيلت آهي ،الله جي محبوب، داناءِ غُيوبصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ ذِيشان آهي: رجب ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي جيڪو ان ڏينهن روزو رکيءِ رات جو قيام (عبادت) ڪري تہ ڄڻ ان سؤ سال جا روزا رکيا ۽ سؤ سال جي شب بيداري ڪئي، اها رجب جي 27 تاريخ آهي . (شُعَبُ الْاِيمَان ج٣ص٣٧٤حديث ٣٨١١ )

عنقريب شعبانُ المعظم جي مهيني جي آمد ٿيڻ واري آهي هن مبارڪ مهيني جي روزن جي بہ تمام گهڻي فضيلت آهي، جيئن

سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ ، قرارِ قلب وسينہ ، فيض گنجينہصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عظمت نشان آهي ،”(رَمَضان کان پوءِ) سڀ کان افضل شَعبان جا روزا آهن، تعظيم ِرَمَضان جي لاءِ." (شُعَبُ الايمان، ج3،ص377،حديث3819)

اُمّ الْمُومِنِين حضرتِ سَيدَتُنا عائِشہ صِدّيقہرَضِىَ الله تَعَالٰى عَنْها کان رِوايت آهي ”حُضورِ انور، شافِعِ مَحشر، مديني جي تاجور، بِاِذنِ ربِّ اڪبر، غيبن کان باخبر، محبوبِ داوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڄي شَعبان جا روزا رکندا هئا.“ فرمائن ٿيون: مون عرض ڪيو، ”يارَسُولَاللهصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڇا سيني

www.dawateislami.net

مهينن مان پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ويجهو وڌيڪ پسنديده شَعبان جا روزا رکڻ آهن؟ “ ته شفيع روز ِشُمار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: الله عَزَّ وَجَلَّ هن سال مرڻ واري هر جان کي لکي ڇڏيندو آهي ۽ مون کي هي پسند آهي ته منهنجو رُخصت جو وَقت اچي ۽ مان روزيدار هجان.“ ( مُسندِابويعلي ،ج۴،ص277،حديث4890)

الله عَزَّ وَجَلَّ اسان کي معراج واري آقا، مکي مدني مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صَدقي سياڻي جو نفل روزو رکڻ، شعبان ۽ پوءِ رمضان جي سمورا روزا رکڻ جي توفيق عطا فرمائي، کاش! اسان سڄي رمضان جو يا آخري عشري جو اعتکاف کرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، کاش! سنين سنين نيتن سان خوب خوب مدني عطيات جمع کرڻ جي توفيق مل وڃي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ کجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵)

کاش ! نیکی کی دعوت میں دوں جا بجا سنتیں عام کرتا رہوں جا بجا

## عمامو ٻڌڻ جون سُنّتون ۽ آداب

www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! يقيناً نبي ڪريم،رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنّتن تي پابندي سان عمل ڪرڻ سان اسان پنهنجي زندگي جي اخلاقي، روحاني ۽ معاشي بلڪ هر معاملي ۾ بلند ۽ بالا مقام حاصل ڪري سگهون ٿا ڇوته پاڻ سڳوري صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون پياريون پياريون سنّتون، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اندازِ زندگي تمام مسلمانن جي لاءِ نجات ۽ بخشش جو سبب آهي. انهي پياري سُنّتن مان هڪ سنت عمامو شريف ٻڌڻ به آهي، جي ها! اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نهايت ئي پياري سنّت آهي. اچو عمامي شريف جون ڪجھ سنتون ۽ آداب ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا. ❀حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: عمامہ عرب جا تاج آهن عمامو ٻڌو توهان جي بُردباري (قوتِ برداشت) ۾ اضافو ٿيندو ۽ جيڪو عمامو ٻڌندو ان جي لاءِ هر وَر تي هڪ نيڪي عطا ٿيندي آهي ۽ جڏهن (ٻيهر پائڻ جي ارادي سان) لاهي ته هر پيچ کولڻ تي هڪ گناھ مٽايو ويندو. (كنز العمال ، كتاب المعيشة...الخ،فرع فى العمائم،الجز :١٥، ١٣٣/٨، حديث :٤١١٣٨) ❀عمامو شريف ٻڌڻ سنن زوائد(يعني سنّتِ غير موٴڪده) مان آهي ۽ سننِ زوائد جو حڪم مستحب وارو هوندو آهي. لهٰذا عمامو ٻڌڻ وارو ثواب جو حقدار آهي ۽ نه ٻڌي ته گنهگار ناهي. البت عاشقن جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي ته هي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنّتِ مبارڪ آهي. (عمامہ كے فضائل،ص٤٩) ❀عمامي ۾ سنت هي آهي ته اڍائي گز ڪان گهٽ نه هجي، نه ڇھ گز ڪان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش گنبذ نما هجي. (فتاوىٰ رضويہ، ١٨٦/٢٢) عمامي جي ويڪر نصف هٿ ٽائين هئڻ گهرجي يا ان ڪان ڪجھ گهٽ يا وڌيڪ، هن ڪمي بيشي ۾ ڪو حرج ناهي. (كشف الالتباس...الخ،ذكر عمامہ ، ص٣٨) ❀عمامو ٻڌڻ ۾ ٻين سنّتن جو به

www.dawateislami.net

اِلتِزام ڪيو وڃي جيئن ساڄي پاسي کان شروع ڪرڻ، بسم الله پڙهڻ، لباس جي دعا پڙهڻ ۽ عمامي جي متعلقہ سنّتن مثلاً شملو ڇڏڻ ۽ ست هٿ يا ان جي برابر هئڻ ❀ مسجد ۾ هجون يا گهر ۾ هر هنڌ عمامو شريف ٻڌي ڪري ٻڌڻ گهرجي، بلاعذرِ شرعي ويهي عمامو نہ ٻڌڻ گهرجي ڇوتہ عمامو ويهي ٻڌڻ ۾ نقصان ئي نقصان آهي. جيئن حديث ۾ آهي: جنهن ويهي ڪري عمامو ٻڌيو يا بيهي ڪري شلوار پاتي تہ الله عَزَّ وَجَلَّ ان کي اهڙي مصيبت ۾ مبتلا ڪندو جنهن جي ڪا دوا ناهي. (کشف الالتباس...الخ، ذکر شملہ، ص ۳۹) ❀سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا منهنجي اُمت هميشہ فِطرت تي رهندي جيستائين هي ٽوپين تي عمامو ٻڌندا. (کنز العمال،کتاب المعیشۃ...الخ،فرع فی العمائم، الجز :۱۵، ۸/۱۳۳، حدیث: ۴۱۱۴۰)

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ دے گا سِکھا مَدَنی ماحول
تُو داڑھی بڑھا لے عمامہ سجا لے نہیں ہے یہ ہرگز بُرا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net